# قلندري خطاب

(دانا فيض درياھ جو ڪلام)

انا انت هو شت الحق



سهيڙيندڙ:

علامہ محمد هدايت علي نجفي تارڪ

سرڊيندڙ ۽ سنواريندڙ:

عبدالغني اباز يتي

# فهرست رسالو داتا فيض درياه


| صفحو | مضمون |
| --- | --- |
| | "منهن موڙتي منهن ڇاڪون ٿيا تہ عيب عاشق جا پسي" |
| | "هن نمائيءِ عيبن هائيءِ ڪي لالن ڪئن لوڙاريءِ" |
| | "نيهن نهوڙيو نازڪ تنهنجي دل ڏکن آهہ ڏنگي" |
| | "ڏکن مونکي ڏني آهہ ڏيکاري ٿيا جوش جگر موچاري" |
| | "ستہ سماءُ للہ ڪونہ عاشق جو توکي مائت پنهنجا لڳا منا" |
| ۱۶۸ | ڏوهيڙو |
| | وحدت مان ڪثرت |
| | وڄ مان گاج مان باد مان باران |
| | نا مرادي نجهرو ويراڳن وصل |
| | "سرمان بي سر مان بيخود مان بي اختيار" |
| | جيجل جوڳيئڙن جا |
| ۱۷۱ | مڪتوب اول روپ ڪنيات |
| | مڪتوب ٻيو روپ ڪوهياري |
| | مڪتوب ٽيون روپ جوڳ |
| | پورو ٿيو. |


Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي سنگت جي سرواڻن ڊاڪٽر ادل سومري (سکر) ۽ منار سولنگي جي به مهرباني جن مونکي سٺين صلاحن سان نوازيو. رسالي "انبام ۽ آڙام" جي مرتب مهدي شاه فياضي جا ٿورا جنهن "قلندري خطاب" رسالي لاءِ به اکر لکيا ۽ رسالي جي ڇپائيءَ وارن مرحلن ۾ مدد ڪئي.

آخر ۾ پنهنجي مطالعي جي مشتاقن، ادبي دوستن ۽ فقرائن کي نماڻو عرض آهي ته هن ڪلام جي ڪٺ ڪندڙ ۽ ترتيب ڏيندڙ فقير محمد هدايت علي نجفي لاءِ دعاءِ خير گهرن ۽ هن ناچيز فقير عبدالغني اياز ٻٽي، ويٺل ڳوٺ نبي آباد (ڪٽي) تعلقو ڳڙهي ياسين ضلع شڪارپور لاءِ به دل سان دعا ڪرڻ فرمائن ..... آمين ثم آمين.

دعائن جو طالب

مؤرخہ ۱۵ جولاءِ ۲۰۰۲ع

**فقير عبدالغني اياز ٻٽي**

ميوزڪ ٽيچر

گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج (مين)

لاڙڪاڻو - سنڌ.

Gul Hayat Institute

ساڳئي ئي 1922ع ۾ شايع ٿيل "ديوان نجفي" جي غزلن ۾ رديف "ض" ۾ هڪ غزل شامل آهي جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته "فقير نجفي" " داتا فيض درياهه" جو ڪيترو قدر قائل هو. غزل جي مطلع ۽ مقطع هن ريت آهي.

سيد فيض محمد شاهه فيض.
عرش منزل ساڪن البابه فيض.
جامه مئه مئخان ان جي مان مليو،
هن نذر "نجفيءَ" کي ناگاهه فيض.

"ديوان نجفي" جي رديف "واو" ۾ هڪ ٻئي غزل، جنهن ۾ "علامه نجفي" پاڻ کي "سخن جو خاقان" سڏي ٿو ۽ چوي ٿو ته، "پيغمبريءَ جو زمانو ختم ٿي ويو آهي نه ته مون تي به سخن جو فرقان نازل ٿيو آهي." ساڳئي ئي غزل ۾ ايڏي وڏي دعوي ڪانپوءِ به ان ڳالهه جو اقرار ته اهو سڀ "فياض" جو انعام آهي. "علامه نجفي" جو داتا فيض درياهه "شاهه فياض" سان محبت ۽ عقيدت جو چٽو ثبوت آهي.

مون مـمـلـڪـت نـظـم ۾ خاقان سخن جو.
هٿ منهنجي ۾ ٿيو گوءِ ۽ چوگان سخن جو.
پيغمبريءَ جو ختم زمانو ٿيو آهي،
نه ته مون مٿي نازل ٿيو فرقان سخن جو.
اڄ مبدءِ "فياض" جي انعام سان نجفي،
ٿيو سند الدر فائض فيضان سخن جو.

علامه محمد هدايت علي نجفي تارڪ جي "داتا فيض درياهه" سان والهانه عشق جي اهڙن ثبوتن پيش ڪرڻ کانپوءِ چوڻ کان نٿو رهي سگهجي ته اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي هڪ وڏي اديب ۽ محقق جنهن علامه نجفي جي ڪلام تي Ph: D جي ڊگري حاصل ڪئي، تنهن "سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو" پاران 1989ع ۾ شايع ڪيل "ديوانِ تارڪ/ ڪلياتِ تارڪ" جي رديف "ض" ۾ غزل "سيد فيض محمد شاهه فيض." ته نه ڏنو آهي پر

# الله لفظ جي وضاحت

هُوَ اللہ الذي لا اِلٰہ اِلاَّ هُو ط

الله- ۽ خدا جو اسم ٻن لفظن ال + الـه جو مرڪب آهي. الـه معنيٰ معبود جنهن جي بندگي ڪئي وڃي. نبوت جي اظهار کان اڳ عربستاني مُشرڪ بتن جي پوڄا وقت ڪين الـه چوندا هئا. عربي گرامر جي قاعدي موجب اسم عام کي اسم خاص بنائڻ لاءِ ال لڳائيندا هُيا جنهن کي گرامر ۾ لام التعريف چون اهڙي ريت ال + الـه = الله بنجي پيو. جنهن جي معنيٰ خاص معبود يا خاص هستي جو عبادت جي لائق هُجي يعني جيڪڏهن الله مان الف ڪٽي ڪڍبو تہ لله تي پوندو جنهن جي معنيٰ آهي الله لاءِ وري جيڪڏهن لله مان لام ڪٽي ڪڍبو تہ لـه تي پوندو جنهن جي معنيٰ آهي اُنهيءَ خدا لاءِ ۽ وري لـه مان لام ڪٽي ڪڍبو تہ هُو تي پوندو جنهن جي معنيٰ آهي اُهو خدا. الهن سڀني ڪري مالڪ اسم ذات آهي صُوفين جي قول مطابق اِنسان جي هٿن جو چنبو الله جي صُورت خطي آهي.

الله سائين جا نالا صفاتي، جمالي، افعالي ۽ جلالي آهن.

لا الٰـــه نفي ۽ الاِ الله اثبات توحيد جو اقرار آهي

محـمـد رسـول الله صـلـعـم رسـالـت جو اقـرار آهي

صدين کان صوفي الله کي اثبات ڪرڻ ۽ توحيد جي سربلنديءَ لاءِ سرن جا نظرانہ پيش ڪندا اچن ٿا. ڇو تہ فقيرن لاءِ الله کان وڌيڪ ڪوبہ محبوب ۽ معبود ناهي. ان توحيد جي راهہ ۾ منصور رحہ کي سوليءَ تي چاڙهيو ويو تہ بسطامي رحہ کي بغداد مان تڙيو ويو. شاه عنايت کي شهادت نصيب ٿي تہ بلليٰ شاه کي ذبح ڪيو ويو. سچل رحہ ۽ فيض درياه جهڙين هستين تي ڪفر الحاد ۽ ساحر جو الزام لڳايو ويو.

Gul Hayat Institute

کوهه ۾

کهي مان

يا تون، پاڻ

ميرا لعل ۾

اغل تي



بابو ميرل فقير جاگيراڻي، لونگ، فقيرءِ بهاول فقير لاشاريءَ سان گڏ

Gul Hayat Institute

## ڪتابءِ آيتون

سندن هٿ مبارڪ سان اڪر لکيل ۽ آيتون بنگلي جي شهتيرن تي موجود آهن. آيتون اُهڙيون ملايون ويون آهن جن کي پڙهڻ ڏکيو آهي ۽ ار اڪرن پويان داتا جو قول آهي تہ ايران کان مرد ايندو ۽ اچي اظهاري ڪندو.

## ان وقت جا ميخانا

١. ڳوٺ پٽاڻ لڳ باقراڻي (لاڙڪاڻو).
٢. بدو ضلع شڪارپور.

Gul Hayat Institute

## آخري سفر ۽ آرامگاهه

پاڻ پنهنجي حياتيءَ جو حصو پنهنجي محبوب بابا ميرل فقير جاگيراڻي جي حوالي ڪري ۱۴ شوال ۱۳۲۵هه ۴۵ ورهين ۾ ابدي جام نوش فرمائي دار البقا راهي ٿيا. هر سال ميلو ۱۱ شوال کان ۳ روز ٿئي ٿو، جنهن ۾ پريت پانديئڙا اچي پياس پوري ڪن. هر ماه ۾ يارهين پيران پير مُحي الدين الصمداني جي ٿيندي اچي.

## داتا جا طالب

جيئن تہ هن بيرنگي گاديءَ تان لکين طالب ۽ گنج گاديون آباد ٿيون آهن. ڪيترن درويشن هتان انا الحق جو سبق سکيو آهي. هت هيٺ ڪن داتا جي طالبن جا ضلعي وار نالا ڏجن ٿا. ڪجهہ فقيرن، طالبن ۽ سيّدن جي زندگيءَ جو مختصر احوال ۽ ڪجهہ ڪلام پيش ڪجي ٿو.

## ضلع وار طالبن جا نالا:

### ضلع شڪارپور:

سائين بگن شاهہ اول انباهہ شريف. سُليمان فقير انصاري انباهہ شريف. وليداد فقير مهر انباهہ شريف. واڌڻ مل مست انباهہ شريف. وريو فقير ڪنير ڏهر چڪ. مائي سَجُلِ (سجار) ڪُنيار ڏهر چڪ. رکيل فقير دابو حبيب ڪوٽ. نظر فقير لولائي بڊو. واسينگ فقير لولائي بڊو. رهبر فقير لولائي بڊو. خدا بخش فقير دايو شڪارپور. خدا بخش فقير پنهوار رين ڳوٺ شڪارپور. منار فقير ڪنير ڪچو رين ڳوٺ شڪارپور.

### ضلع خيرپور:

سيد علي محمد شاه ڳاڙي شريف. غلام حيدر فقير رند گوندرڙو. هرگوبند رام خيرپور. موريو فقير ماڇي پير ڳوٺ. غلام حسين فقير مهيسر ڪمال ديرو گمبٽ. فضل فقير ٽوڻر ڪمال ديرو گمبٽ. محمد فقير ٽوڻر ڪمال ديرو گمبٽ. بدل فقير چنہ نِوازو ڪمال ديرو گمبٽ. خير محمد

Gul Hayat Institute

**طالب علي محمد شاه جيلاني ڪاڪڙي:**

دستاربند مولوي سائين بحث لاءِ تيار ٿي آيو ۽ درگاهه جي لکي در ڪان اندر جهڪي ويو چوڻ ۾ آهي ته اها رات داتا اُداس هيو ڇي علي محمد شاه مباحثي ۾ اچي هٿيار ڦٽي ڪندو.

**طالب غلام حيدر فقير رند گوندرڙو:**

ڪنهن ڪم سانگي داتا وٽ درگاهه ۾ پهتو ته فيض ولي رت ۽ پيت ۾ شامل ٿي ويو.

**طالب وزير هرگوبند رام خيرپور ميرس:**

هن کي هز هائينس مير والي رياست جاگير ڏيڻ جي پيغام لاءِ موڪليو ته پاڻ شڪارُ ٿي پيو.

**طالب محمد ابراهيم شاه جيلاني پنو عاقل:**

هيءُ بادشاهه به وڏي مُريدي وارو نظرن جي جهڙپ ۾ جهپجي ويو ۽ سندس ميلو ٢٥ رمضان تي ٿيندو آهي.

**طالب ڀائي هاسا رام لاڙڪاڻو:**

هن جو ميلو ٢٢ ڊسمبر تي ٿيندو آهي. سندس پوين ۾ ڀائي گهنشام داس ۽ چنچل ڀائي عجب صُورت هُيا.

Gul Hayat Institute

**طالب ٻچل شاه سامارو:** ميلو ٢٥ ذي الحج.

**طالب توڪل فقير پٺاڻ:** ميلو ٩ ذي الحج.

**طالب بدل فقير چنه:** ميلو ٢٢ ربيع الاول.

**

# طالب علي محمد شاهہ ڳاگڙي

فقير علي محمد شاه ولد حسين شاه جيلاني ويٺل ڳاگڙي ضلع خيرپور سنڌ، سنڌس وڏو لبي شاه نوراني ٿيو جنهن مان پير عبدالستار نر اڻ ڏمايا. ابراهيم شاه پنو عاقل، مصري شاه ڏهل لارو نارو، علي بخش شاه (لوڙهو ۽ فقير) بکر قناصره ۽ سخي ڪنبل شاه ڪوٽڏجي ناميارا ٿيا. هيءُ بادشاهہ دستار بند مولوي هو. الله اثبات ڪرڻ لاءِ پهريان بابا ميرل فقير سان بحث ڪيائين ۽ الباه شريف پهچي بحث هارائي طالب ٿيو. هڪ دفعہ الباه جي فقيرن سان امروٽ ۾ مولوي تاج محمد وٽ بحث ٿيو ۽ فقير ناڪام ٿي موٽيا داتا سائين ڪيس علي سائين سڏي امروٽ جو امر ڪيو. اتي مقابلہ ٿيو ۽ رات جي پيٽ ۾ مولوي الباه پهتو اتي بحث دوران ۾ ڪلام سائين علي محمد شاه چيا. جن مان هڪ ڏجي ٿو. پاڻ ١٩ ربيع الاول ١٣٤٥هہ وصال ڪيائون. هر سال ميلو ١٧ ربيع الاول کان ڳاگڙي لڳي سندس ليهنگر ولي محمد شاه سهڻي صورت هو ۽ سائين حُسين شاه عجب صُورت هو.

Gul Hayat Institute

## بيت

نڪو ساه پساه نڪو جان جسم،
نڪو خلقيندڙ خلق ۾ نڪو مُلڪ مڪان،
نڪو مُقبل ڪتاب هو نڪو فهم فرقان،
اُتي علي، محمد ڪيو روح اندر ۾ رام.

## ڪافي

بات برهم دي سمجهين نہ سالڪ، اٽڪل نال الاوڻ ڪيا

١. ظاهر زاهد زهر ڪريندئين، عامل ڪامل ٿي جو ڀهندئين
شرڪ شيطاني دل وچ ڌرندئين، صافي سِرُ مناوڻ ڪيا

٢. نفس ناداني ڪين سُڃاتئي، راز ربي سِرُ پنهنجون ڄاتئي
ڀهر پوياڙيءَ جو اچي ڀُهتئي، اِڳتي دل وڌاوڻ ڪيا

٣. الست بربڪم ڪنِ پيوئي، قالوبلىٰ ٿڌهن چيوئي
واعدو ولسوف وارو وسريوئي، اُس تي عُذر آوڻ ڪيا

٤. علي محمد ڇڏ مام مسلاتي، نُور حضور ۾ پائي ڏس جهاتي
بره ٻچي آ ڪسڻ جي ڪاتي، عشق جي آگ اُجهاوڻ ڪيا

Gul Hayat Institute

## طالب غلام حيدر فقير رند

فقير صاحب جو ان بند هُيو. ظاهري اکيون بند هُيون، چٽڪ هڏائون پيرو هو. "ذت ڏهاڙي سومرا آڻ ۽ کاءِ" فقراءَ جي سوا پهر سير تي ٻڌل هو. داتا سائين جو ايڏو قرب هُين جو فرمائيندا هُيا ته تو سان "رت ۽ پت" جو رشتو آهي. هڪ دفعو هزهائينس مير علي نواز ٽالپر اچي جاگير لاءِ عرض ڪيَن، فقير فرمايو ته اسان جي ننگر مان تون خود کائي رهيو آهين، مجبور ڪرڻ تي هڪ روپيه ڪنيائون. هاڻي پويان قرار فقير هڪ سُهڻي صورت هو. ميلو ۴ صفر تي ٿئي ٿو.

Gul Hayat Institute

# بابا ميرل فقير جاگيراڻي

داتا فيض درياهہ پنهنجي سموري ڪلام ۾ خاص طالب بابا ميرل جو نالو وڏو آهي. غمدل فقير بابا ميرل جي وصال وقت "وصال نامي" ۾ لکيو آهي تہ:-

سو ايڪاهٺ سال ۾، واندو نہ دم وصال ۾
هر دم حياتي حال ۾ واصل وصل ويساهہ جو
ٽيهہ ثاني هو جمادل، تيرنهن سو ٽيهتر هليل
هن دارالفنا کان بدل، ساڪن بقا ٿيو شاهہ جو

غمدل فقير جي "وصال نامي" موجب بابا ميرل جي عمر 161 سال هئي. روايت آهي تہ جڏهن بابا ميرل جاگيراڻي درگاهہ حضرت انباهہ تي آيو تہ ان وقت داتا فيض درياهہ جي عمر 25 سالن جي لڳ ڀڳ هئي ۽ بابا ميرل جي عمر اٽڪل 93 سال هئي. چون ٿا تہ داتا فيض درياهہ جي خاص راز سبب ڪيس داتا جو معشوق سڏيو ويندو هو. داتا فيض درياهہ جي حوالي سان روايت مشهور آهي تہ داتا جن فرمايو تہ، "جيڪو بہ ميرل کي بابو ميرل نہ چوندو تنهنجي رزق مان ٽڪرو گهٽبو رهندو". داتا فيض درياهہ جن درگاهہ جي لوڙهي کان ٻاهر نہ نڪرندا هئا. ان ڪري فقراهہ جو سالار بابو ميرل هوندو هو.

سندس مزار ڪنڊڙي، لڳ روهڙي تعلقي ۾ آهي. هر سال ٽيهہ جماد الثاني تي سندس درگاهہ ۾ ميلو لڳندو آهي.

# بابا ميرل فقير جا طالب

سردار امام بخش جتوئي، مير حسين علي ٽالپر ٽنڊہ علي آباد، مير ولي محمد ٽالپر ٽنڊو علي آباد، ڪمال فقير ڀنگر پنو عاقل. عبدالستار فقير لوهر نئون ديرو، علي حسن فقير جيهو سالار نئون ديرو. مائي حوا لاشارڻ ڪنڊڙي. تان فقير لولائي- ٻڊو. دان فقير ۽ سانولو فقير لولائي ڪنڊڙي. ايچند مستي خان، پير ڏنو، رستم فقير (درياه) وارث فقير، چٽنچل (صوفن فقير) ۽ هادي بخش فقير سڀ جاگيراڻي (لڳ ڪنڊڙي). مير علي مراد خان سندراڻي. ڏڙي (ڪنڊڪوٽ) اشرف فقير سندراڻي ڏڙي عبدالله بلوچستان. لال بخش قمبراڻي غوثپور.

Gul Hayat Institute

## سائين سيد تاج محمد شاهہ اول

سائين تاج محمد شاه جن پير محمد شاه جا وڏا فرزند هئا. پنهنجي ورد وظيفي ۽ ايڪانيت ۾ مشغول رهيا. هڪ دفعي صوفياڻي لباس ۾ ڳوٺ ڪاهي پهتا. (ڳوٺ ڪاهي الباه جي ويجهو آهي). اُتي مولوي تاج محمود امروٽي سان ملاقات ٿين. مولوي صاحب چيو تہ پاڻ ۾ئي هڪ نالي وارا آهيون پر هي ڪهڙو حال وَسلو آهي. سائين تاج محمد جن فرمايو تہ هلو انباهہ انهيءَ حال خيال وارو مرد ڏسو.

فيض درياهہ جن مجرد رهيا. پنهنجي وڏي ڀاءُ تاج محمد شاهہ کي شادي ڪرڻ لاءِ چيائون ۽ فرمايائون تہ توهان مان گل پيدا ٿيندو جنهن کي اسان رنگ لائيندا سين. تاج محمد سائين مان سيد پير محمد. شاهہ عرف بگن شاهہ اول- پيدا ٿيا.

## سائين بگن شاهہ اول عرف بابا پير شاه جو دؤرو

سائين بگن شاه اول، داتا فيض درياءَ جي وقت ۾ سائين تاج محمد شاه کي تولد ٿيا. داتا فرمائيندو هو تہ بابا اچي ويا. ان ڪري ڏاڍو قرب ڏيندا هُين. ننڍپڻ ۾ ئي کين درگاهہ جو مالڪ بنايائون. سائين بگن اول ننڍپڻ ۾ ٻاهر مال جي سانگي ويندا هُيا تہ مال بہ چرڻ ڇڏي ٻاهران حلقو هڻي بيهي يا ويهي رهندا هُيا. سائين بگن شاه درگاهہ ڏي اچي تہ مال بہ پويان لڳو ايندو هو. سائين بگن شاه لوڙهي ۾ ئي رهيا تہ داتا ولايت علي شاه بہ جنم ٻاتو. ڀڳت ڪنور رام گهڻو ايندو هُين. پاڻ فرمائيندا هُيا تہ "سواءِ الله جي ٻيو ڪجهہ ناهي".

## جهد جفائون

لوڙهي ۾ رهي رياضت ۾ شامل رهيا. دم ۾ ذڪر جي ڪاهه هوندي هُين اوجاڳي جا شائق هيا. ويراڳ سندن خوراڪ هئي. صلح، صفائي ۽ ترڪ شيوو هُين، سُواليءَ جو سوال پورو ڪندا هُيا. سوا پهر سير تي گذران هون ۽ غريبن تي مهربان هُيا. سندن گفتار ۽ رفتار من موهيندڙ هئي. درگاهہ جي لڳ زمين تي جريب ملين جتي پاڻ کوهہ کٽايائون.

## سهڻي صورت

قداور، پُورا، تمام سُهڻا ۽ پوشاڪ سادي ۾ سادي پهريندا هُيا. مُنهن تي ڪجهه پاسي آسو هوندو هُين. راڳ ڏاڍو ڳائيندا هُيا.

## آخري سفر

سائين بگن شاهہ اول وصال ۱۸ ذي الحج ۱۳۴۵هہ ۾ ڪيو. پوين ڪادي داتا ولايت علي شاهہ جي حوالي رهي، جيڪو سندن وڏو ياءُ ڪامل شاهہ مست هو. مست ۽ اُنجو نينگر سائين جان محمد شاهہ دوم بہ وصال ڪري ويا. ميلو بگن شاهہ اول جو ۱۷ ذي الحج کان ۳ روز تيندو آهي.

Gul Hayat Institute

حضرت بلهي سائين فرمائن ٿا؛

رانجها رانجها كردى نى ميں آپے رانجها ہوئى

بلهي سائين جوڳي جي سيڃاڻپ ڪرائيندي فرمائن ٿا؛

ايس جوگى دى كيهہ نشانى، كن وچ مندراں گل وچ گانى

صورت اسدى يوسف ثانى، ايس الفئوں احد بنايا

داتا سائين جن فرمائن ٿا.

ايسا كو جوگى آيا، پورب ديس والا

ويكھ يتى مين حيران رهياں جلوه عين جمالا

موج سيتى ماهى مرلى وجيداں پاكى كنيں كڑولا وارا

## عشق جي باهہ:

العشق نارٌ يحرق ماسوالله

عشق جي باهہ سواءِ الله جي هر شئي کي ساڙي ڇڏي ٿي. عشاق آئي پهر ان الاهي عشق جي باهہ ۾ سڙن ٿا. حضرت داتا سائين خود فرمائين ٿا تہ،

عشق آهي آڙاهہ خليلي، صوفي ۾ تنهن سڙجي

يا

لاڳ عجب عشق لائي، ويو آ خطرا ڪلني ڪاٽي

العشق هو الله، عشق اهو الله آهي

عشق جي باهہ عشاقن کي بيخود ٿي ڪري. بيخود جي بحر کي داتا سائين بيان ڪن ٿا

سِريءَ جي سودي تي ساقي سرڪ ٿو ڏئي

خود ڪان بيخود ڪيون وٺيون نيہ ٿو نئي

انهيءَ مني جي مئخاني ۾ ساڳيو سر ٿو ٿئي.

Gul Hayat Institute

جيڪي الله جي ذات جو ظهورو هر فرد ۾ ڏسن ٿا. اهي مذهب ملت، دين ڌرم، ڪفر، اسلام، ملڪ ۽ قوم جي اختلافن کان مٿاهان ٿين ٿا. حضرت داتا سائين جن فرمائن ٿا.

نا مئن هندو نا مسلمان
لوڪ دا ڪيتم ڪيها نقصان
نا مئن شيعا نا مئي سني
عشق اسان ڏا امام

حضرت بلڻ سائين جن فرمائن ٿا؛

هندو نهيں، نہ مسلمان
سنی نہیں ہم شیعا
صلح کل کا مارگ لیا

جيڪي سائين جو سوجهرو سيني ۾ ڏسن ٿا اهي سڀ سان صلح ڪن ٿا. جيڪي عاشق دوئي جي دام کي ٽوڙي، عشق ازل جو جام پيئن ٿا اهي، اهي بيخود ٿين ٿا. جيڪو عاشق محبوب ۾ فنا ڪائي ٿو وڃي تہ پوءِ اهو عاشق پنهنجي الڳ هستي ۾ واپس نٿو وري. بلڻ سائين جن فرمايو تہ.

آپ اشارا اکھ دا ڪيتا، تان مدھوا، منصور نے پيتا
سولی چڑھ کی درشن ڪيتا، ھوئيئے عشق ڪمال

داتا سائين؛

مرجان باھ بره جي سازي
مرجان چوٽ عشق جي چاڙهي.

ان پريم جي پنڌ جي باري ۾ سائين بلڻ شاهہ فرمائن ٿا تہ.

اب ھم گم ھوئے پريم نگر کے شھر
اپني آپ کو سودھ رھے ھين
نہ سر ھاتھ نہ پير
بلڻ شاہ دوھي جھانين
ڪوئي نہ وسدا غير.

Gul Hayat Institute

داتا سائين جن فرمائڻ ٿا.

وسري ويون پيون وايون
باتون عجب عشق پڏايون

حضرت بلهي شاه فرمائڻ ٿا.

بلها کيه جانا ميں کون
نہ عربی نہ لاهوری، نہ مٿن هندي شهر نگوری
نہ هوندو نہ ترک پشوری نہ ميں رهندا وچ ندوں
نہ ميں بهيد مذهب دا پايا، نہ ميں آدم حوا دا جايا.

داتا فيض درياه فرمائڻ ٿا.

دين مذاهب ڇڏاسي ٻوڙائي
قرآن ڪتاب سيني لوڙهائي
مٿي عرشين خيال اڏاري
پير پرت ۾ پايا سي.

# الله جي محبت:

ڪامل فقير فرمائڻ ٿا ته انسان هن دنيا ۾ ڇٺو ڪنيو ٻڌل آهي. ان جو هن دنيا جي شين کان آزاد ٿيڻ ڏاڍو مشڪل آهي. مٺاڻ تي ويٺل ماکي جي مک اڏارڻ کانسواءِ نه اڏرندي آهي. اهڙي طرح انسان کي جيستائين عشق جي چوٽ نٿي لڳي تيستائين هو الله جي ذات ڏانهن متوجهه نٿو ٿئي. انسان جي هن دنيا کان نجات صرف الله جي يادگيريءَ ۾ ان کي اثبات ڪرڻ ۾ آهي. جڏهن موليٰ جي محبت اثر ڪري ٿي ته انساني ٻنڌڻ ڇڙي پون ٿا. جنهن دل ۾ الاهي عشق جي چڻنگ نٿي ڏکي تيستائين ان انسان جي اندر ۾ خدا جي وصال جي محبت بيدار نه ٿي ٿئي. داتا سائين فرمائڻ ٿا.

دل درد ڪيني آ ديواني
حق جان مان ٿيس مستاني

يا

Gul Hayat Institute

ويـو آ جوش جگـر کـي کـاٽـي، بـارش بـره جي آئـي
آتش عشق جي وٺي آ وکوڙي، جو مونسان ڪني آ يار پلائي
ڏاڍي بـات بـره جي بـاري، جنـد جان سـڙي وئـي ساري

هن عشق جي درد کي بيان ڪندي حضرت بلها شاه فرمائن ٿا.

اک رانـجـهـا مـيـنـون لـوڙيـنـدا
نـي مـيـں لـگـا عـشـق اولـڑا، روز ازل دا
وچ کرهـائي تـل تـل پـاوے، تلـيـان نـون چـا تـلدا
تير جگر وچ لگا عشقوں، هلاياں بهي نهيں هلدا.

## مرڻ کان اڳ مرڻ

اوليا ء الله جا جن کي الله جو خوف ۽ محبت آهي اهي موتو مري جيئن ٿا. انهن کي لافاني زندگي عطا ٿئي ٿي. اهي محبوب اڳيان فنا ٿي بقا جي منزل ماڻي وڃن ٿا. اهي لاخوف ٿي چون ٿا.

ميرل موتو مري تہ جياسي عرش کان لنگهي اڳي ويلسي

الله جي محبت ۾ پاڻ کي قتل ڪرڻ جي باري ۾ داتا سائين فرمائين ٿا:

موتوا قبلل انتہ موتوا، قرب ڪيچي لئي ڪڙهجي
مـوتـوا قـبـلـل وعـدو وحـدت جو واپـار
موتوا قبلل انتہ موتوا، جي ڳالهہ دل سان لائين
اصلي احوال بہ منن هو.

حضرت بلها شاه فرمائن ٿا:

عشق جنهاں دی هڈیں پیندا
سوئی نر جیوت مرجا ندا
جس تے عشق ایهہ آیا اے
اوه بی بس کر وکهلایا اے

Gul Hayat Institute

طالب جيستائين پنهنجو وس نٿو ڇڏي تيستائين فقيري واري پوڙي چڙهڻ ڏاڍي ڏکي آهي. بلهي شاه فرمائن ٿا.

کراں نصیحت وڈی کوئی، جی سن کر دل تے لاویں گا
موئے تاں روز حشر اُٹھن عاشق نہ مرجاویں گا
جی مریں مرن توں پہلوں، مرنے دا تُل پاویں گا.

## لاکي لوئي:

فقيرائي حال کي ئي عشاقن ساراهيو آهي. ان حال فقيري پائڻ جي تلقين ڪن ٿا. حضرت بلهي شاهه فرمائن ٿا تہ،

چٹی چادر سٹ کڑیئے، پہن فقیراں لوئی
چٹی چادر داغ لگیسی، لوئی داغ نہ کوئی

مطلب تہ دنيا واري سفيد لباس (لبيس) کي داغ لڳي سگهي ٿو، مگر روحانيت سان رڱيل لوئي (رڱيل دل) کي ڪوبہ داغ نٿو لڳي سگهي.

داتا سائين جن فراق جي ڪيفيت بيان ڪندي پنهنجي درد جو احوال ڏيندي فرمائن ٿا.

جڏهن پور پون ٿا دلبر تنهنجا تڏهن رهبر ويهان روئي
ڇيہ تہ حال ڇوان ڪنهن کي روئي
ڪين لاهين ها ڪڏهن دلبر تون لالڻ لاکي لوئي

مرشد طالب کي ان رنگ ۾ رنگي ٿو جنهن ۾ طالب کي مرشد جي صورت ۾ الله جي جهلڪ نظر اچي ٿي.

داتا سائين فرمائن ٿا.

وچ ميخاني ميرل سائين
اسان ڳوڙهي رنگ رچياسي

Gul Hayat Institute

ڪر ڪايا ڪون جدا جتري جيءُ، نڪري ديهي ڪان ٻاهر ٿيءُ
سچي گروءَ جو سبد ماني، ماڻ ٻقا وارو ان پڻ ويءُ
دسوين دئاري ۾ تاري لاتون، آئي پنڌ پريم جو هيءُ
پاڻ پڇائج پانهنجو ميان، آديسي آنهه ولي
نہ پڻ پڳتي ڪر تون ميرل، ڇڏي ڪام ڪروڌ جو رولو ريءُ

اکين جي پوپان ڏهين دئار ڪان نڪري هڪ حسين دنيا قائم آهي. ان ۾ بي شمار روحاني دولت پري پئي آهي. اُتان ڪان ٿيندو حقيقي محبوب جي مقام ڏانهن رستو وڃي ٿو.

محبوب ڪي ڏسڻ واري اک يعني هن پوشيده دروازي کي پيرن پيغمبرن ۽ ڪامل فقيرن بيروني اک، ٽئين اک ۽ غيبي اک ڪري بيان ڪيو آهي.

بلھ شاه اسان تين دکہ نہیں
پر ویکں واری اک نہیں
تائیون جان جدائی سہندی اے.

* *

Gul Hayat Institute

## سنواريندڙ طرفان رسالي ۾ ڪجھ واڌارا:

١. صوفي اصطلاحن ۽ لفظن تي انگ ڏئي هيٺ فوٽ نوٽ (حاشيي) ۾ ان انگ تي صرف لفظ جي معنيٰ لکي وئي آهي.

٢. پارسي غزل ڪي سنڌي ترجمي سان پيش ڪيو ويو آهي.

٣. داتا فيض درياه جي والد سائين پير محمد شاه داتا جي وڏي ياءُ تاج محمد (اول) ۽ پير محمد عرف بگن شاه (اول) جو مختصر احوال ڏنو ويو آهي. داتا فيض درياه جي سائين بگن شاه (اول) جي طالبن جا ضلعي وار نالا ۽ ڪجھ طالبن جو مختصر احوال ۽ ڪجھ ڪلام نموني طور ڏنو ويو آهي. هنن احوالن لکڻ ۾ مرحوم سائين صوفي قربان علي "قربان" (ڪتاب صوفي ساڃاه جو ليکڪ) جي لکيل نوٽن ۽ احوالن مان استفادو ڪيم.

Gul Hayat Institute

# هادي پاڪ الله شهنشاهه

**صوفياڻو راڳ (پڳتي):** هن درگاهه جو اصل کان اڄ تائين اصول آهي ته ويراڳ (پڳتي) يعني صوفياڻو راڳ ڳائيندا ۽ ٻڌندا آهن. هونئن به پڳتي (صوفياڻو راڳ) جي معنيٰ آهي الله جي عبادت ۽ ثنا ڪرڻ. الفي ۽ چير جامي وارا فقير سندن خاص خادم هوندا آهن. جتي به دعوت يا ميلي تي ويندا آهن، ڳائي وڄائي وڃي لهندا آهن. اچڻ جو ويراڳ ۽ چڙهائي ڪرڻ وقت به پڳتي پڙهندا آهن. گرو چيلا يعني مرشد ۽ طالب گڏجي صوفياڻو ڪلام چوندا (ڳائيندا) آهن.

سائين جن جو فرمان آهي ته هو طالبن کي ذڪر جو جنڊ ڳچيءَ ۾ نه وجهندا آهن بلڪه انهن کي ذڪر کان آزاد ڪري مالڪ حقيقي جي حسن جي مشاهدي ڪرڻ جي تلقين ڪندا آهن ۽ مهر نظر سان نوازي طالبن کي سڀ منزلون طئي ڪرائيندا آهن. دلبر مونکي ديد نماء ڪانهي رهڻ جي جاءِ. هتي ادب ۽ هيڪڙائي جو قانون آهي، ننڍا وڏا پاڻ ۾ پيرين پئي ملندا آهن. گڏيل پڳتي ڳائڻ ڪانسواءِ هر هڪ (سَنگ) ٽولي وارا پنهنجي ڪافي ۾ ويهي وره جو ويراڳ ڪندا آهن. هڪ ٽوليءَ حق ڪئي ته ٻئي ٽولي ويراڳ شروع ڪندي آهي. اهڙيطرح ڏينهن رات ويراڳي ويراڳ ڳائيندا آهن. هن طالب جي تار وڃڻ ڪري طالبن کي پنهنجي وجود جي پروڙ (خبر) ڪانه پوندي آهي.

**ڌمال:** ميلي جي ڏينهن ۾ روزانو شام جو ڌمال هڻئي ويندي آهي. ڌمال وقت مرشد سامهون ويهندو آهي ۽ فقير حلقو ٻڌي ڏهل شرنائين تي مداح (ائين سرَ) پڙهندا آهن. پهرين مصرع پوري ٿيڻ کان پوءِ وري ٻي مصرع شروع ٿيندي آهي.

اهڙي طرح فقير ڌمال پوري ٿيڻ ڪانپوءِ گڏ مدح پڙهندڙ سائينءَ جي نينگرن کي پيرين پئي دعا وٺندا آهن- ۽ سامهون ويٺل مرشد جي قدم بوسي ڪندي ڪيس سڪ جو سجدو ڪندا آهن.

## ڳوٺ "انباھ" تي نالو ڪيئن پيو

انباھ شريف چڪ ٽائون ڪاميٽي ضلع شڪارپور جي اُتر ۾ ٽوري پنڌ تي سنڌو درياھ جهلي بند جي اولھ ۾ آھي. درياھ جي وَٽ سان "ٻوريٽ" نالي وٽاڻ تي مالهو مال ويهاريندا هئا. ان جا ڪي گهڻي پاڻ ۽ وٽاڻ جي ڪري "هالباھ" انبوھ (ڍڳ) نالو پئجي ويو. ويتر فيض درياھ جي عشق رنگ لاتو. انبوھ مان صورتخطي بدلجي "هنباھ" لفظ دهيو. ان مان "انباھ" لفظ جڙيو. جنهن پنيان هن ڳوٺ جو هاڻي نالو "انباھ شريف" آھي. تعلقو لکي ضلع شڪارپور سنڌ.

Gul Hayat Institute

بسم الله الرحمن الرحيم

# "شــجــرو"

## شجره نسب داتا فيض درياه سائين

حضرت عبدالمطلب ابن ابو طالب ابن مولا علي كرم الله وجه ابن حضرت امام حسن ابن حسن مثنيٰ ابن عبد الله محسن ابن موسيٰ ثالث ابن عبدالله ثاني ابن دائود ابن محمد روحي ابن عمر زاهد ابن عبدالله ابن موسيٰ ابن ابو صالح شاه ابن سيد عبدالقادر جيلاني ابن عبدالرزاق شاه ابن ابوبكر شاه ابن تاج الدين شاه ابن احمد الدين شاه ابن بهاءُ الدين شاه ابن حسين شاه ابن زكريا شاه ابن شرف الدين شاه ابن يوسف شاه ابن علاؤالدين شاه ابن قاسم الدين شاه ابن تاج الدين شاه ابن عبدالوهاب شاه ابن عبدالقادر شاه ابن الله يار شاه ابن عبدالوهاب شاه ابن محمد شاه ابن محمد يوسف شاه ابن محمد شاه ابن محمد باقر شاه ابن عبداللطيف شاه ابن فتح علي شاه ابن حاجي شاه ابن سيد پير شاه ابن تاج محمد شاه ابن داتا بگن شاه اول ابن شاه ولايت ابن بگن شاه دوم ابن جان محمد شاه سوم.

**الصلواة والسلام اعليٰ محمدن المصطفيٰ و آله**

**اول كلمه لا اله الا الله آدم صفي الله**

**آخر كلمه لا اله الا الله محمد رسول الله ﷺ**

Gul Hayat Institute

# شجره نسل سيد پير شاه آغاز شد آگاه كرده

## سيد پير شاه

- سيد تاج محمد شاه اول
  - سيد بکن شاه (اول)
    - سيد ڪامل شاه
      - سائين جان محمد
        بي اولاد وصال ڪري ويو
    - سيد شاه ولايت
      - سيد بکن شاه (دوم)
        - جان محمد شاهه (سوم)
          - تاج محمد شاهه (دوم)
          - ولايت شاهه (دوم)
          - شهنشاهه
          - ميران شاهه
          - عبدالقادر شاه
          - حق موجود شاه
          - صفت علي شاه
        - ڪامل شاهه (دوم)
          - شير محمد شاهه
          - فتح درياهه
          - ثمر علي شاه
- فيض محمد شاه
  وڃون ريءِ شادي
- جان محمد شاه
  لنڊو جواني ۾ وصال ڪري ويو

Gul Hayat Institute

# انا الحق انت الحق هو الحق ثبت الحق

## الله

## رسالو داتا شاهہ فيض درياه

هي رسالو فيض جو پيالو حقيقت جو حوالو معرفت جو مقالو جنهن جو مصنف جناب رشادت مآب قدسي خطاب ذي اکتساب با انستساب فالق حجاب سيد السادات رفيع الدرجات شفيع العرصات وارث دستار مالک خرقہ ۽ برقعہ پير پيران مير ميران غوث الاعظم دستگير محي الدين شيخ عبدالقادر جيلاني حسني حسيني ثم بغدادي سيد العاشقين سند الطالبين سراج السالکين شمس العارفين قمرالواصلين نورالمتقين سرالساجدين زهدالزاهدين طورالکاملين فائض فيض مصطفوي نورديده مرتضوي لمعات الفقرفخري والفقرمني عالي جائيگاه بلند پائگاه فقر جي سند تي شاه کج کلاه حقيقت آگاه الوهيت دستگاه هويت نگاه رندانہ راه عارف بالله مظهر الله **سيد فيض الله فيض درياه داتا فيض محمد شاه** قدس الله سره العزيز مالک درگاه چک هانباه، تعلقہ سکر ضلع سکر ملک سنڌ.

Gul Hayat Institute

رانک لعلو ۲۵ تاريخ سيپٽمبر سنه۱۹۳۴ع
مطابق ۱۵ جمادي الثاني سنه ۱۳۵۳ع ڏينهن اگار
راقم محمد هدايت علي المتخلص تارک قوم تونيہ فقير.

کافیون
Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ آسا

ڏي سالڪائي[1] ڪي ٻن وو، خيال مجذوبي[2] ڪجاڻ ڪن وو

١. لا[3] ڪري تون اڏام عرشين، وڃ تون ديس[4] امن وو

٢. انا[5] الحق جو ماري نعرو، سدائي رهه صحن[6] وو

٣. بنا عهد[7] الله جي وو، ڪاڻ رکج ٻي ڪا من[8] وو

٤. ماڳ مئخاڻ جي ميرل سائين، سدائي رهه وطن وو

## ڪافي روپ آسا گجري

• مرجان[9] باھ ٻره جي سازي، مرجان چوٽ عشق جي چاڙهي.

١. موتوا قبل[10] لان تموتوا، قرب ڪيچيءَ جو ڪاڙهي.

٢. فاذڪروني اذڪرڪم، پرت پنهل تو پاڙي.

٣. انا الحق جو دل منهنجي ڪي، آتش[11] تي سبق پاڙي.

٤. ماڳ ميخاڻ جي ميرل سائين، وحدت[12] تي وڃي واڙي.

---

١.اهو شخص جيڪو عبادت گذار به هجي ۽ دنيادار ٻه.
٢. خدا جي محبت ۾ شوق لٿيڻ. مستي. ٣. نہ- نفي. ۴. سلامتي. ۵. مان حق آهيان (حضرت حسين بن حلاج جو نعرو). ٦. ٻاڻ وٽ. ٧. وعدو پاڙڻ. ٨. عام ماڻهن جي صلاح. ٩. پلي جان. ١٠. مرڻ کان اڳ مرو. ١١. باهه. ١٢. ميڪرائي.

## ڪافيون روپ ڏناسري

وائي[1] اهـا تـن وات، سـامـي[2] آهـن سـخن[3] سچارا.

١. فـاذكـروني اذكـركـم مـيان، تـن اهـا تـن تـات[4]،

٢. دونهان آديسن متي دکايا، نانهن[5] کري تيا اثبات[6].

٣. عاشق ويڙا اوڏهن ڪامي، جاتي ذات نکائي صفات.

٤. وچي لٿا سي سمونڊ تي، اهو نور[7] پسي تحلات.

٥. موٽي وچ تون ماڳ تي ميرل، اها ترک کري جسمات[8].

## ڪافي روپ ڏناسري

ڏاڍو ڏک جو بار، آيو سر منهنجي تي سرتيون.

١. الـعـشـق[9] هـوالالله وو، جذبـو[10] جوش جبـار.

٢. مـوتـواقـبـلـل و عـدو واحـد، وحـدت جو واپـار.

٣. العشق نار يحرق[11] ماسوئ الله، دليري ديدار.

٤. الـست بـربـكـم[12] قـالـوا بـلـي، الـستي[13] اسـرار.

٥. اهو منخانو[14] ميرل سائين، دم انا الحق اقرار.

١. ڳالهه. ذڪر. ٢. جوڳي. ٣. وعدي جا سچا. ۴. يادڪيرو - لِهَ. ٥. نفي. ٦. ثابت
٧. روشني. ٨. انساني جسم. ٩. عشق اهو الله آ. ١٠. مستي - شوق. ١١. عشق ج
باهه الله کان سواءِ سڀ کي ساڙي ڇڏي ٿي. ١٢. ناهيان ڇا مان توهان جو ربُ ڇيان
هاتو. (قرآن). ١٣. قدرتي راز. ١۴. زبان سان چوڻ.

Gul Hayat Institute

## ڪافيون روپ بلاولي

سامي ويچارا، وڃن هليا پوُرب[1] پار ڏي.

۱. ناه ڪيون نڪتا وڃن، سامي سونهارا.

۲. آديسن جا عرش[2] تي، آهن اوتارا[3].

۳. دم دم مارن دليون دلاوَر[4]، انا الحق جا نعرا.

۴. بيخوديءَ[5] جي بحر ۾، تار ترن اوپارا.

۵. طالب ترڪي هليا، عقل جا تہ ستارا.

۶. موتوا قبل جي پنڌ جا، پڌيون سي تہ اشارا.

۷. ماڳ مئخانہ جا ميرل سائين، آهن صوفي سوُپارا[6].

## ڪافي روپ بلاولي

هلئون چلئون پنهنجي ماڳ ملڪ تي، ڇا ڪيون هت ويهي

۱. بنا پنهنجي ماڳ ملڪ جي، هت آهيون پرڏيهي[7]

۲. الست بربڪم قالوا بلي، جو رمز انهيءَ دلي ريهي[8]

۳. وڃون اڏامي اصل پنهنجي تي، وڃي ٿيون ڏيهہ پنهنجي ۾ ڏيهي

۴. ماڳ مئخانہ جي ميرل سائين، هاڻي ڳالهہ ڪيون وري ڪيهي

---

۱. اوير ءِ ا[illegible]ر جي ڪنڌ جتان وڻندڙ هوا گهلندي آهي. ۲. جوڳين. ۳. آستانا. ۴. دل[illegible]
۵. مستي- [illegible]ا حالت جنهن ۾ طالب پنهنجو پاڻ ڪي بہ وساري ويهي رهي ٿو. ۶. ڪٽندڙ.
۷. پرديسي. [illegible]. ڏاتاري.

## ڪافي روپ بلاولي

ميمنون عبد[1] نہ پاوين، جوش جلال بہ مئن هون.

١. من خدايم[2] وو ميان من خدايم الا، جي رمز[3] اها دل سان راهين[4]
قادر ڪمال بہ مئن هون.

٢. وحدت[5] ولايت آهي روشن منهنجي، جي مٿي قدم اناوين
باقي بحال بہ مئن هو.

٣. موتوا قبلل وو الت موتوا ميان، جي ڳالهہ اها دلسين لائين
اصلي[6] احوال بہ مئن هون.

٤. سانگي[7] پنهنجي ني پاڻ آيو آهيان هتڙي، جي تون جهاتي پاوين
نور جمال بہ مئن هون.

٥. سواء منهنجي ناه ڪو الله ٻيو ڪاٿهين، جي سوريءَ سر سنباهين[8]
وصل[9] وصال بہ مئن هون.

٦. مئن شراب، مئن جام سارو ميخالو آه منهنجو، جي تون پاڻ وڃائين
ڪيف ڪلال بہ مئن هون.

٧. دم منصوري آهي ميرل[10] منهنجو الا، جي سارا سر سماوين
خود خيال بہ مئن هون.

Gul Hayat Institute

---

٢. مان خدا ها خدا. ٣. مام - اشارو. ۴. هنڊائين. ۵. هيڪڙائي وارو ملڪ. ٦. بنيادي سرمايو. مال دولت. ٧. پنهنجي تماشي. ٨. سر ڏيڻ جي تياري. شادي جي تياري جو سامان. ٩. الاهي ميل ميلاپ. ١٠. پيهي وڃڻ.

## ڪافيون روپ سورٺ

ڪپ سري ڪه يار، الا دم دير توکي نہ جڳائي

۱. ڏي تون راز تي تون راضي، ادا ڙي مڳٿار[1]

۲. ڏي پيالو شهادت جو، جڏي دل جيار

۳. چڏائج دوئي جي دام کون، ڳڙهہ ڏاهي ڏي گرنار[2]

۴. متي هن ميرل جي، هڻ ڪا حيدري ذوالفقار

## ڪافي روپ سورٺ

ڏادي عشق آهي آفات[3]، ونجيندا ڪلهي بات ميان

۱. جنهن سر آوي موج[4] جڳاوي، يڪدم سوريءَ تي سر چڙهاوي
ڪهندا هي ريءَ[5] ڪات، پوندا هي جڏان جهات ميان

۲. عشق خون جگر دا کاوندا هي، اگڻ آکر جنهندي ڦيرڙا پاؤنداهي
ترڪ ڪري طاعات[6]، ماضي ڪري مصلحات[7] ميان

۳. عشق منصوري دا منصب[8] پائيندا هي، من خداير آپ فرمائيندا هي
حق حق وائي وات، ہي نہ اليندا هي لات ميان

۴. عشق ميرل موتو قبل مريندا هي، متي افلاڪين[9] قدم ڌريندا[10] هي
ترڪ ڪري چا صفات، ڏسيندا تڏان هين ذات[11] ميان

---

۱. پينو. ۲. ملڪ جو نالو. ۳. آفت جو جمع- تڪليفون - مصيبتون. ۴. چاڙهہ. ۵. ڪانسواءِ. ٦. عبادتون. ۷. صلاحون. ۸. مرتبو. ۹. آسمانن تي. ۱۰. رکي ٿو. ۱۱.حقيقت.

# ڪافي روپ سورٺ

ٽيو آءِ راضي مڪٽهار، قتل هويا روبرو[1]

۱. پيچل ويهي تند[2] ٻرائي، لاڳ لاحد جي جنهن مون سان لائي
طالب وڄائي تار، وصل هويا سوبسو[3]

۲. طالب ويهي هنيون ترانو، برخيز[4] منجهان ٽيو پرت پيمانو
پنهنجو نيهن ڪيائين نروار، قرب هو يا ڪوبڪو[5]

۳. عاشق ويهي آواز ڪيڙو، نعرو اناالحق آغاز ٽيڙو
لاحد ڪيائين للڪار[6] هڪل هوئي هوبهو

۴. جام پريم جو ساقيءَ پياريو، رب[7] ارنيءَ جو ميرل درس پڪاريو
روشن نور ٽيو انوار، طلب هوئي جوبجو[8]

# ڪافي روپ سورٺ

ڪڻ ڪريون ڪاڏي وڃون، اسان جڻري مرڻ مڃون

۱. ڪري هٿ سڦيلو[9] لا الا الله جو، ڪٽي سر پنهنجي تي سڃون[10]

۲. هيءَ جا پت هجڻ جي، سا تہ پورا ڪري پڃون

۳. پاري پارڻ[11] عشق جو، تنهن ۾ پختا ٽي تہ پچون

۴. پنهنجي ديس بقاءُ تي، ڪٽي رمزن ساڻ رڻون

۵. وچ ميخاني جي ميرل سائين، ڪٽي ڳوڙهي[12] رنگ رڇون

۱. اڳيان. ۲. تار وڄائي. ۳. هر طرف. ۴. نڪري وڃڻ. ۵. ڪهڙي ڪهڙي. ۶. ڪاهه. ۷. منهنجا رب مونکي ديدار ڪراءِ. ۸. جاءِ بجاءِ. ۹. ڪات. ۱۰. وڍايون. ۱۱. آزاد. ۱۲. وڃون. ۱۳. ڪهاڻي ڪهري.

## ڪافي روپ سورٺ

ٻڌو يارو بات بره جي بيشڪ آ بهاري وو
من خدايم مام ملي آ اناالحق حق واري وو

١. حال[1] حلاجي حاصل تيڙو جوشئون جوش ڄباري وو
منصوريءَ جو ماريم نعرو ڪري سوريءَ تي سرداري وو

٢. شوق شراب شتاب[2] پيتو مون ساٿي آ خيال خماري وو
بيخوديءَ جي باب ۾ سو تہ بره ڪئي بيداري[3] وو

٣. عشق[4] حيات قديمي آهي اوهين طالب ڪيو تڪراري[5] وو
پوءِ مرڻ جو ناهي تهن ۾ اها ڳالهہ اٿو اظهاري[6] وو

۴. مام پروڙي ميرل سائين ڪر جذبو پنهنجو جاري وو
سر سڃاڻي پانهنجو تون قادر ره قهاري وو

## ڪافي روپ پيروي

ڦاڙي جبو[7] پوءِ يار پڌر، تڏهن نور ايندءِ حق پاڪ نظر

١. بنا اناالحق هجڻ جي، ڀي ڪانہ ڪجاڻءِ ڪا پَر[8].
٢. بنا عشق الله جي، ڪانہ اٿي ڪا وَر
٣. الست بربڪم قالوا بلي، پورو ايهو پنهنجو ٻول[9] ڪر
۴. قادر تي تون ڪاهہ اوڏاهين، وچ ميرل ميخانہ جي در.

Gul Hayat Institute

---

١. حضرت منصور رحہ واري حالت. ٢. تيز. ٣. هوشياري. ۴. زنده. ۵. ورجاڻ
٦. چٽي – سچي. ٧. انساني لباس. ٨. پيو ڪو ڪم. ٩. وعدو.

## ڪافي روپ پيروي

اسان عام خام تي دام ناهيون بحر بيرنگ[1] سر اصلي نور آهيون

١. شهسوار[2] آهيون شهانا[3]، مرغ يڪدل آهيون يڪانا
خود بخود ٿا رهون توانا[4]، ذات قدسي حق پرپور آهيون

٢. لا مڪان آهي اسان جو اوتارو، دائم وي آه وحدت وارو
اناالحق جو چوڻ اشارو، قول انهيءَ ۾ ڪو قصور ناهيون

٣. اناالحق آهي خطاب[5] اسانجو، نيهن سدا آهي نواب اسانجو
بره آهي بي حساب اسانجو، سچ صفائي ۾ وهلور[6] آهيون

٤. ميرل آهيون مست ميثاقي[7]، عشق اسانجو آهي عشاقي
واحد احد ٿا رهون باقي، وچ ميخاني مخمور[8] آهيون.

## ڪافي روپ پيروي

چڱا ڪيتائي وي يار دل نيتي ئي، سرڪي صفائي دي سانون ڏتي ئي

١. ڪول[9] اسان ڏي هادي، رهبر عشق چا متائي.

٢. روح ميڏي ڪون رهبر سائين، سڪدي نال چا سيتائي[10]

٣. خرقه اسان ڏا وچ وحدت دي، ڳوڙهي رنگ چا رتائي

٤. سبق اناالحق دا يار پيارا، آپي آپ چا آتائي

٥. وچ ميخانه دي ميرل سائين، پر پيالا چا پيتائي.

---

١. ڪوبه رنگ نه. ٢. وڏا سوار. ٣. بادشاه. ۴. طاقتور. ۵. واعظ. ٦. ويڳاڻو-بيزار-هَٿَ ڇُهڻ کان پري. ٧. اصلي عاشق. ٨. نشي ۾ چُور. ٩. ڪڏ. ١٠. سبيوئي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

اسان صوفي صفا سردار آهيون، دم الاالحق اقرار آهيون

١. نيهن جي نوبت وڄي ٿي اسانجي، تيز طلب جي تار آهيون

٢. مَن[1] خدايم موج اسانجي، قربدار قهار آهيون

٣. ڳالهه اسانجي پڇندين ڪهڙي، جذبي دار جبار آهيون

۴. حضرت حسين حلاجي وانگي، سر مٿي بر[2]دار آهيون

۵. آهيون هادي حق جا رهبر، عشق سندا اوتار آهيون

٦. احديت جي عشق ڪان، دم جدا نا ڏار آهيون

٧. ماڳ ميخاني جا دائما، ميرل سائين مختار آهيون.

## ڪافي روپ پيروي

اسان نڪي ته هتڙي ايندا سي، نڪي ته ڪاڏهن وينداسي

١. نقاب انساني ڇڏيو سي لاهي، نڪي ته پيهر پائينداسين

٢. جاتي هواسي تاتي آهيون، نڪي ته مرندا جئنداسي

٣. خلقيل وجود ڇڏيو سي وڃائي، نڪي عبد احد ۾ ٿينداسي

۴. نزول منجهارون وياسي مٿي عروج ڪري، نڪي جمڻ ۾ جمنداسي

۵. ميرل نالو نانهن ڪيوسي، نڪي موند ۾ هونداسي

Gul Hayat Institute

---

١. مان خدا آهيان، ٢. سوريءَ تي، ٣. هيڪڙائي، ۴. هيناهين، ۵. مٿي، ٦. نڪي

## ڪافي روپ پيروي

ڇڏ ترڪي عام جي چاڻ ڪي، هادي هو حق ڪري ڏس تون پاڻڪي

١. سرسري پنهنجو جي تون سڃاڻين، اپري وٺ مهراڻ[1] پاڻ ڪي

٢. هوالحق اناالحق چئي ڪري، وٺ اصل جي اهڃاڻ[2] ڪي

٣. فقر بقاءِ تنهنجو آهي قديمي، وٺ صفائي جي سڃاڻ ڪي

٤. ماڳ ميخانہ جو جي ميرل ماڻين، وٺ بيخوديءَ جي وٿاڻ[3] ڪي

## ڪافي روپ پيروي

اسان فڪر فنا ۾ ناهيون، اسان بحر بقا ۾ آهيون

١. روشن ذات تي آهي ساري، وه وه ڪلي آءِ بيحد بهاري
دائم دل آءِ لقاءِ[4] واري، ڳيت انا الحق تا ڳايون

٢. عرش اُڏامي ٿا سر سڃاڻون، چاڻ الست جو ٿا اصل چاڻون
جوءِ بيرنگ[5] جي ٿا وچي ماڻيون، لاڳ لاحد جي ٿا لايون

٣. بره اسانجي ڪيئي بيداري[6] وه وه تي آه خيال خماري
قائم ڳالهہ آهي وحدت واري، جو پير پرت منجهہ ٿا پايون

٤. ماڳ ميخانہ جو اٿون ميرل حاصل، واحد وحدت ۾ آهيون واصل
خالص خيال اٿون ڪامل، پول[7] نٿا پيو ڪو پايون.

---

١. وڏو سمنڊ. ٢. نشان. ٣. جاءِ. ٤. نظارو. ٥. جنهن جو ڪوبہ رنگ نہ هجي.
٦. هوشياري. ٧. پُل - گمان.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

سائين تنهنجي محبت ڪيو آ مستان[1] مونکي،

سائين تنهنجي درد ڪيو آهي ديوان[2] مونکي.

١. سهڻا سائين تنهنجو آهي هي حسن حيرت،

تنهن حسن حيرت ڪيو آهي حيران مونکي.

٢. سهڻا سائين تنهنجو آهي وره ويراڳ[3]،

تنهن وره ويراڳ ڪيو آهي ويران مونکي.

٣. سهڻا سائين تنهنجو آهي بره باري،

تنهن بره باري ڪيو آهي بيران مونکي،

۴. سهڻا سائين تنهنجو آهي فيض ميرل،

تنهن فيض ميرل ڪيو آهي ميخان مونکي.

Gul Hayat Institute

---

١. مست. ٢. چريو. ٣. وڇوڙو الله جي راهه ۾ ملندڙ سختيون.

# ڪافي پارسي روپ پيروي

قول انا الحق مي گويم، خودرا خود مي جست جويم
مان الله جو نعرو هڻان ٿو، پاڻ کي پاڻ ڏسندڙ ڳولي ڳولهيان ٿو
برخيز از ميانم بالا عرش روم، خود را شناس خودمي خود راخود مي بينم
وجودئون نڪري عرش وڃان ٿو، پاڻ کي پاڻ سڃاڻي پاڻ ڏلم
عاشق شيدا مجروح دل افگارام، مست مجنون مفتون بيدل بودم
مان خالص عاشق قتيل دل آهيان، مان خالص عاشق بغير دل آهيان
درين ولايت لاهوت لامڪان رسيدم، حاجت ديگر نيست من خود بماندم
ان لاهوت لا مڪان واري بادشاهي ۾ پهتم، پيو ڪو ڪم ناهي
سوئي ميخانہ مدام ميرل شدم، واحد واحد يڪ بيڪ ماندم
هميشہ واري ميخاني ڏي ٿيم، واحد احد هڪ ٿي ٿي رهيم

## ڪافي روپ تلنگ

سِري جي سودي ٿي، ساقي سِرڪ ٿو ڏئي

١. عاشق لاٿيون سانگو[1] سرجو، مرڪيون پڪ ٿو پئي
٢. خود ڪون بيخد ڪيون، ورتيون نيهن ٿو نئي[2]
٣. آواز انا الحق جو دليون ٿو اچي، شرط پائڻ جي لئي
۴. انهيءَ مئيءِ[3] جي ميخانہ ۾، ساڳيو سر ٿو ٿئي
۵. موتوا قبل لانت موتوا، ميرل مري ٿو جئي

---

١. آسرو. ٢. ڀاڻ ڪان. ٣. عشق جو شراب.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ تلنگ

سيني منهنجي ۾ تہ سدا نُور[1] ٿو ٻري
اندر ۾ اهاءِ عشق جو سينا طور[2] ٿو ٻري
عرش ڪرش آسمان زمين سڀو نور ٿو ٻري

١. پنهنجي ٻره بقاءَ لئي، ساري سڪ ٿو سري
٢. لامڪان ڪان نازل ٿي ڪري، قادر قدم ٿو ڌري
٣. اهو ميخانو ميرل ڪي، ڏس مخمور[3] ٿو ڪري

## ڪافي روپ تلنگ

هيءُ دل ذوق[4] سان هلي، تہ انهيءَ ماڳ نٿي ملي

١. ٻنان ذوق شوق جي، اتي ڪاٿي ڪانہ رلي
٢. رکي جوش جبار جو، ڪيائين روشن خفيِ[5] جلي
٣. هادي هدايت حق ڪري، مونکي اها ڳالهہ سلي
٤. ميرل ميخانہ پنهنجي جي، ملي ٻيہ ڳلي.

١. روشني. ٢. طور سينا جبل جنهن تي موسيٰ عليہ السلام، الله سان ڪلام ڪندو هو. ٣. گُر. ۴. خوشي. ٥. ڳجهو ۽ ظاهر ذڪر ڪرڻ. (لطيفن جا نالا).

## ڪافي روپ تلنگ

پيالو بيخوديءَ جو پيجي، موتواقبلل سو مري جيجي

۱. جيڪي الست اصلي هئڙين، ساڳو سر اهوئي ٽيجي

۲. پنهنجي بره بقاء تي ميان، خيال سارو ئي ليجي

۳. سجاني ما اعظم شاني، ساري سبق چئيجي

۴. وچ ميخانه ميرل سائين، قائم قدم ڏريجي[1]

## ڪافي روپ تلنگ

پهلُون[2] پاڻ ڪون جدائي ڪر تون، هڪڙو خيال الله جو ڌر تون

۱. لا مظهر[3] وٽ منهن آئينو، پنهنجي ابتدائي[4] ڪر تون

۲. موتوا واري موج ۾، پهلون سرفدائي[5] ڪر تون

۳. اصلي سچائي پانهنجو، پنهنجي هتون ادائي ڪر تون

۴. پاڻ ڪون وڃڻ آه پاڻ سڃاڻڻ، اهو راه هدائي[6] ڪر تون

۵. ماڳ ميخانه جي ميرل سائين، پنهنجي سڪ سدائي ڪر تون.

* *

۱. رڪجي. ۲. پهريون. ۳. پيو ڪوبه ظاهر ناهي. ۴. شروعات. ۵. سر جي قرباني.
۶. هدايت واري راه.

# ڪافي روپ تلنگ

ماهي[1] محرم مينون رمزان لاونداهي
لاوندا لاوندا پيلا ڳيت اناالحق ڳاونداهي

١. مئن ماهيدي ماهي ميڏا اورنهين كا جدائي
حاضر[2] ناظر ماهي وسندا مينون نيڻين[3] سدائي
سو عاشق اکڻ سهاوُنداهي[4].

٢. تخت هزارون[5] رانجهن آيا ماهي ميڏي سانگي
نال نماڻي نينهڙا لاتس آکي پنهل وانگي
سو بيشک مينون پاوُنداهي[6].

٣. ايس بين رانجهن دي آهي ترکيندي گمراهي
بيخود بين وڄيندا ماهي خيال کر کي شاهي
سو ڦوکون ڦوک سناونداهي.

٤. ڏوهين جهان کون چوڙ ڏتر هک ماهي مينون پاٽا[7]
هادي مهدي مولئ مکمل انهنکون کرکي چاٽا
سو عاشق عرشئون آونداهي.

٥. نال محبت مرلي چاتس ويکو پرت پيارا
شاه شهنشاه آها اکبر صاحب تخت هزارا
سو بره دي بين بجاونداهي

٦. مئن نماڻي مُلهه[8] وکاڻي ماهي ميڏا سائين
عشق ماهيدا من وچ ميڏي ٻلنديان بره ديان باهين
سو جوشئون جوش جلاوُنداهي

---

١. چنڊ جهڙو محبوب (مرشد). ٢. موجود ڏسندڙ. ٣. ويجهو. ۴. سونهين.
٥. رانجهن تخت هزارو ڇڏي جوڳي ٿيو. ٦. پيار ٿو ڪري. ٧. وٺي ٿو. ٨. زرخريد ٿيل

٧. بيشڪ تخت هزارا آها امندا ماڳ مدامي
عشقئون آپني آپي دلبر آپ ڪريندا امامي
سو پرير جام پلاوندامي.

٨. انور منور مطهر ماهي مستو مست خيالي
ذات مقدس لمْ[1] يزلي قائم قرب ڪمالي
سو اپنا شان وڏاوندامي

٩. ميرل امو ماهي مؤلي رهبر آمي جائي،
ترڪ سيّال[2] تي، ڪر طالب گهن تون بره بقائي
پچي عاشق اپر اڏاوندامي.



١. لازوال. ٢. رشتيدار. هير سيالڻ (سيال ذات) هئي.

Gul Hayat Institute

# كافيون روپ بروو

آهيان مون تہ حيات[1]، بحر بقا آهي ماڳ منهنجو

١. قادر قديم تہ قائم آهيان، ناهيان مون تہ ممات[2]

سنج صفائي آهي سهاڳ[3] منهنجو

٢. اناالحق جو تو ماريان نعرو، لاجو هت تہ ڪات

لاحد آهي[4] لاڳ منهنجو

٣. خضري[5] آهي خيال منهنجو عشق عجب اوقات[6]

ثابوتي[7] آهي سياڳ منهنجو

۴. ميرل مولي آهيان مسلم[8]، ميخانہ مطمئنات[9]

بيخودي آهي ياڳ منهنجو

Gul Hayat Institute

١. زنده. ٢. مثل. ٣. سينگار. ۴. محصول. ۵. حضرت خضر عليه سلام وارو زنده خيال. ٦. وقت جو جمع. ٧. ثابت رهڻ. ٨. سلامت. ٩. اطمنان- تسلي.

## ڪافي روپ بروو

اتي تہ لڙڪيل ٿيءُ، پاڻ پنهنجو سڄو سارو

۱. بيرنگ بحر عميق ولايت ۾، اتي تہ اٽڪيل ٿيءُ

هن وجود جو ڪري ڏي وسارو

۲. لوح[1] قلبہ ڪون اڪتي، اتي تہ ملڀيل ٿيءُ

انا الحق جو ماري نعرو

۳. حق حقيقي توهين تون آنءِ، اتي تہ بيٺل ٿيءُ

صوفي آهين سدا سويارو

۴. بيخودي جي باب ۾ خود، اتي تہ پهتل ٿيءُ

هتڙن تري وڃ تون اويارو

۵. عرش وڃي تي آشياني، اتي تہ اڏيل ٿيءُ

لامڪان[2] تي وڃهہ نئين اوتارو

۶. ميرل محويت[3] جي ماڳ[4] سان، سدائي رليل ٿيءُ

موتوا[5] قبلل سمجهي اشارو

Gul Hayat Institute

۱. لکڻ واري پٽي ۽ قلم جنهن تي هر شئي لکيل آهي. ۲. ڪوبہ مڪان نہ هجي.
۳. پاڻ کي الله ۾ گم ڪرڻ. ۴. جاءِ. ۵. مرڻ کان اڳ مرڻ.

## ڪافي روپ بروو

ڪ آءٌ قاصد ڏي خبر ڪري، آيا ڪين ايندا اڄڻ ۾ آهن[1]

١. جلدي پڄاءِ پانڌي پيغام پرين کي، وڃ تون اوڏهن وري
هليا ڪين هلندا هلڻ ۾ آهن

٢. دير نہ ڪري هڪ دم جي، نت ويندس آءٌ مري
چڙهيا ڪين چڙهندا چڙهڻ ۾ آهن.

٣. سڏ درد منهنجي جي توکي، ڏس ڏي دل جي ڪولي دري
مليا ڪين ملندا ملڻ آهن

٤. ميرل هن مسڪين کي، ڏئي ويا سڪ جي سري
وريا ڪين ورندا ورڻ ۾ آهن

## ڪافي روپ بروو

دل درد ڪئي ديواني، حق جاني مون ٿيس مستاني

١. ويس ورڻ[2] ڪون ناهيان ورڻ جي، بره[3] آئي باراني

٢. ڳجهي رمز ڳجهي ڳجهہ واري، پرين لايو پريشاني

٣. تجلو تاب چٽو ٿيو ظاهر، نہ[4] منجهون نوراني

٤. جبو پهري جانب آيو، الله نانءُ انساني

٥. ميرل سان پرين ڪر ڪا ملڻ جي، تنهنجي لنوڻ[5] ڪيو لاثاني

---

١. پيغام پهچائڻ وارو. ٢. موٽڻ. ٣. برسات. ۴. نفي. ۵. بينظير.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ بروو

شل غيب[1] ۾ هوندين غار، دل دعا ڪري ٿي سڄڻ وري توڪي

١. ورنديـن ڪين وجود مـن ڏي، عاشق هونديـن اظـهار[2]

٢. رهنديـن يگانو ديس پنهنجي تي، وٽ نـہ هونـدءِ وار

٣. قـم باذنيءِ جي امر[3] سان، طالب هونديـن تـڪرار

٤. هـولـون[4] ڪـمـا هـو فـي الازل، الـسـتـي اسـرار.

٥. ماڳ ميخانـہ جي **ميرل** سائين، نـسـنگ[5] هونديـن نـروار

## ڪافي روپ بروو

تون تـہ آهين مرغ[6] هوائي، هٽ ڪر پنهنجي بادشاهي

١. تـون تـہ اُڏري ڪـر اشيـانـو، وٽ لاحد لامـڪـانـو
پنهنجو غيب ۾ ڪر گذرانو، اها رهت پنهنجي ڪر جائي

٢. تون تـہ پنج قفس[7] واري دام ڪي، وٽ موتو واريءَ مام ڪي
تون تـہ ڇڏ صبح وري شام ڪي، پس يڪي نور صفائي

٣. تون تـہ خيال ڏي پنهنجو سارو، تون ڪر وجود وسارو
پنهنجو اتي تـہ اڏنيئي اُوتارو، اهو بره اتي تـہ بقائي

٤. **ميرل** تـي لاثـانـي سـاڳـو سـر آهـين سـبـحـانـي
حق انـور نـور نـورانـي، تـو ۾ خيال آيو تـہ خدائـي

١. جنهن کي ظاهري اک نہ ڏسي سگهي. ٢. ظاهر- چٽو. ٣. حڪم.
٤. اهو پهرين آهي جهڙي طرح ازلي ابتدا ۾ هو. ٥. اڪيلو. ٦. هوا ۾ اڏندڙ پکي.
٧. انساني پڃرو.

Gul Hayat Institute

# ڪافيون روپ جهنگلو

ڪڏهن جوڳي ايندا منهنجي جوءِ[1] ۾، رهبر ٿيندا اچي روءِ[2] ۾

١. مرليءَ سان من منائي ويا منهنجو خيال سارو ٿي آهي تن جو
سالم ٿيندا چي سوءِ[3] ۾

٢. روز شب ويٺي ڪريان پڪارون، آديسن جا راه نهاريون
ڪامل ٿيندا اچي ڪوءِ[4] ۾

٣. رند بهادر باڪا آهن، ڪيت انا الحق حق تا ڳائن
همت ڏيندا چي هوءِ[5] ۾

٤. ميرل سان اچي نڻگ نباهيندا، پلا پنهنجا پال پلائيندا
بيخود ڪندا اچي بوءِ[6] ۾

Gul Hayat Institute

١. تڙ. ٢. آمهون سامهون. ٣. ان طرف ۾. ٤. گهٽي ۾. ٥. هاڪ. ٦. خوشبوءِ.

# ڪافي روپ جهنگلو

ويو آه جوش جگر کي، ڪائي، ٻارش[1] ٻره جي آئي

١. اندر منهنجو اڄ ٽيو آهي، ڀي ٻات ناهي ڪائي
انهيءَ سوز[2] گداز ۾، سر ڏئي ڪيان ٿو ادائي

٢. ٻنا ديس وطن پنهنجي جي، هتڙي رهڻ آهي تہ ڪچائي
وساري تہ وجود من کي، ثابت ڪيان ٿو سچائي

٣. ڏکن مونکي هي ڏيہ ڏيکاريو، هاديءَ رهبر رمز رلائي
متي عرش عظيم کون ميان، رمين ٿيان ٿو راهي

٤. آتش عشق جي وئي آه وکوڙي، جو مون سان ڪئي آه يار يلائي
متي معراج ميخانہ جي، ٿيان ٿو مرغ هوائي

٥. ميرل موتوا ماتر مون تي، آيو سارو سر خدائي
اناالحق جو ماري نعرو، ڏيان ٿو عشق اوگاهي[3].

Gul Hayat Institute

١. وزن. ٢. ٻرڻ- سڙڻ. ٣. گواهي کي عام ماڻهو اوگاهي چوند آهن تجاهل العارف آهي

# ڪافي روپ جهنگلو

ڏاڍي بات بره جي باري، چند، چان سڙي وئي آه ساري[1]

١. اناالحق جي چوڻ جي، ڏاڍي آهي دل کي بهاري

٢. لا تقنطوا من رحمة الله، ٽڪا[1] آه تنهنجي تاري[2]

٣. سر ڏيڻ جي يار ساقيءَ کي، آهي اسانجي انتظاري

٤. ارنيءَ واري اولاس[3] آهي، آهي دم دم درد پڪاري

٥. انهيءَ دوستي واري دام ۾، ڦاٿي آه دلڙي ويچاري

٦. اها آيت عشق جي، مونکي حضرت شاهه هاڪاري

٧. متي عرش وچڻ جو، مونکي جذبو آهه جباري

٨. العشق[6] نار يحرق ماسوي الله، اها آيت آهي اظهاري

٩. ميرل هن مسڪين کي، تنهنجي درسن جي درڪاري[7]

---

١. الله تعاليٰ جي رحمت مان نا اميد نه ٿيو. ٢. جيابو. ٣. منهنجا رب مونکي ديدار ڪراءِ. ۴. سڪ - پياس. ۵. پڙهاني. ٦. عشق جي باهه الله کانسواءِ هر شئي کي ساڙي ڇڏي ٿي. ٧. ضرورت.

## ڪافي روپ جهنگلو

آهيون رند رهبر غازي، ڪيڏون بيشڪ برہ جي بازي

١. بيرنگ بحر عميق ۾ ميان، اسان آهيون درس درازي
٢. هاج هجڻ جي ناهي ڪائي، قبل نڪو آهه ماضي
٣. منصوري آهي باب اسان جو، آهيون انا الحق آوازي
٤. بيخودي آهي باب اسانجو، وحدت جا آهيون واعظي
٥. سنجَ صفائي آهي سالڪ اسانجي، ساري سا سرفرازي
٦. مٿي عرش عظيم ڪون ميان، سڪ جي ڪريون ٿا شهبازي
٧. ميرل ميخاني ماڳ سان، پنهنجي دل ڪريون ٿا تازي

## ڪافي روپ جهنگلو

هت ڪونهي اوڏهن هلبو، ٻي ناهي ٻولي اندر ۾

١. پينر هن پنيور ڪون، پاڻ پنهنجو ڪٿي پلبو
٢. اڳي ڪنُ فيڪون ڪون، روح پنهنجو ڪٿي رلبو
٣. ٻاري ٻارڻ عشق جو، جوشن ۾ جلبو
٤. ترڪي لوح قلم ڪي، چال انهيءَ ڪٿي چلبو
٥. محو ٿي تون ميرل سائين، ميخاني ۾ ملبو

---

١. ڪفر سان جنگ ڪرڻ وارو فوجي. ٢. طاقتور. ٣. اڏامر.
٤. الله جو امر(ٿي ۽ ٿي پئي).

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ جهنگلو

متي تہ اڏاڻو باز، ڪپي تہ مراڏان[1] ڪليءَ

١. بيخوديءَ جي بحر ۾، شوق ٿيو شهباز
٢. اچي پيدا اندرون ٿيو، انا الحق جو آواز
٣. ثابت نيهن نفي ڪيو، ويو تہ هجڻ جو ساز
٤. ميرل هن مسڪين تي، ٿيو تہ الاهي راز

## ڪافي روپ جهنگلو

هن تہ پڪيءَ جو واهيرو[2]، متي آهي عرش عظيم ڪوڻ

١. اڪي ڪن نيڪون ڪان، سندس آهي آڪيرو
٢. لا مڪان ڪان نازل ٿي ڪري، دلير ڪيو آهہ ديرو
٣. بيشڪ بحر بقاءِ ۾، ماڳ سندس آهي ويرو
٤. ميرل ميخاني جو، اهو تہ اٿي پيرو[3]

١. مقصد. ٢. آڪيرو. ٣. رستو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ جھنگلو

هلو تہ هلون پنھنجي ڪيچ تي ڪاهي، وو هن تہ پنيور ۾ اسانجو ڇاهي

١. جاڏهون آيا آهيون ويٺون اوڏاهين، سچي ستگر[1] ائين ڇيوآهي

٢. ڀول[2] ڀرم کي ساڙي ٻاري، لاٿاني ٿيون لاڳاپا لاهي

٣. دز ڪري ڏيهيءَ کي عرش اڏامون، اصل اسانجو اهو ائين آهي

٤. سج نڪري آهي وستي[3] اسانجي، عرش نکو اڀ[4] ذرو زمين ناهي

٥. ميرل سائين مام اها تي، طالب الله جو ڪو ڪو آهي.

## ڪافي روپ جھنگلو

اڄ تہ سجاڻ سرڪي، ڪونهي ڪو تہ صباح يار

١. سوا تنهنجي ٻيو ناه ڪو، ڪاتي تي ٻيو الله يار

٢. عرش اوڏام تون عشق سان، لا ڪري لا الٰہ يار

٣. بيخوديءَ جي بحر ۾، ڪونهي ڪو تہ اماءُ يار

٤. ميرل انهيءَ موج ۾ ڪونهي ارض و[6] سماءُ يار.

## ڪافي روپ جھنگلو

هادي مورا لعل وي، الا هڻ ڪيوين ڪرون

١. آگيا بار بره دا باري، انهندي سک سرون

٢. اصل سجاڻي اپنا آپي، اوپر عرش ترؤن

٣. انا الحق دا مارڪي نعرا، ڪاهي سوريءَ جي سر چڙهؤن

٤. وچ ميخانہ جي ميرل سائين، قائم قدم ڏرون

---

١. سچي مرشد. ٢. وهم وسوسا. ٣. رهائش. ۴. آسمان. ٥. پاڻي.
٦. زمين آسمان.

## ڪافيون روپ جوڳ

عشق شوق شهادت، اهو احوال[1] مون تي آيو

۱. اقتلوا في[2] حب ذات الله، قديمي ڪلامت
واحد وصال[3] مون تي آيو.

۲. سر ڏيڻ جي يار سڄڻ ڪي، سا تي منهنجي سخاوت
جو جذبو[4] جلال مون تي آيو.

۳. موتوا قبل لان[5] تمو توا، ساري روشن[6] ولايت
جو نور جمال[7] مون تي آيو

۴. اڳي ڪن[8] فيڪون ڪون، منهنجي تي آه امامت
قرب[9] ڪمال مون تي آيو

۵. سبحاني[10] ما اعظم شاني، بره بقاء[11] مدامت
خاص[12] خيال مون تي آيو

۶. ماڳ ميخانه جي، ميرل سائين، صوفي صحيح سلامت
ڪيف[13] ڪلال[14] مون تي آيو

Gul Hayat Institute

۱. ذاتي احوال نبي ڪانسواءِ سڀ تي حاوي هوندا آهن. ۲. الله جي محبت ۾ پاڻ کي قتل ڪرڻ. ۳. الله جو ميلاپ. ۴. صوفيءَ جو مرتبو. ۵. مرڻ کان اڳ مرڻ. ٦. بادشاهي ملڪ. ۷. حسن. ۸. الله تعاليٰ جڏهن حڪم ڇياتيءَ تي پنڌ ته ٿي پيو. ۹. بيحد محبت. ۱۰. مان پاڪ آهيان منهنجو ڪيڏو شان آهي. ۱۱. هميشگي. ۱۲. اصلي خيال. ۱۳. نشو، خمار. ۱۴. پراڻو شراب پيارينڌڙ.

# ڪافيون روپ مانجهه جوڳ

ڪامل ڪاڻ الله، روز۲ شب جلندا ويا

رمز الهيءَ رلندا ويا

۱. جوڳين پنهنجي جوءِ۳ سجاتي، جوشئون پاتي ڏنڙون جهاتي

تيڙا ڪامل ڪيائون ڪاهه، سچ صفائي سلندا ويا

۲. اناالحق جا ماري نعرا، التا ويڙا عرش۴ اويارا

لا ڪري لا الله، همت سان هلندا ويا

۳. ترڪ ڪيائون هيءَ جسماتي، ذات ڏٺيا وچي عين ذاتي۵

اصل چئي الا الله، پرت الهيءَ پلندا ويا

۴. قتل۶ سندي ڪار ڪيائون، سوريءَ تي وڃي سر ڏنائون

ڪري صدقو ساهه پساهه، خوشيءَ مون ڪلندا ويا

۵. توڪل۷ جي ترهي تي چڙهيا، ثابوتيءَ۸ جا سبق پڙهيا

اهڙا سندن ويساهه۹، جو ميڙ۱۰ سان ملندا ويا

۱. پهتل، پورو ۲. ڏينهن رات. ۳. اصل ملڪ. ۴. جاڳهون آيا اوڏانهن ويا. ۵. خود حقيقت ۶. پاڻ پنهنجي نفس کي ماريائون. ۷. الله جو آسرو. ۸. ثابت رهڻ. ۹. عقيدا. ۱۰. الله سان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ مانجھ جوڳ

ڏٺي ڀنڀور ڪي ڀاهه، راتيون ڏينهان ڪاهه

۱. ٻنان جوش[1] جولان جي، ٿاهه نه ٻيو ڪو ٿاهه

۲. حب[2] الوطن من الايمان، سڪ سڳو متي ساهه

۳. لاڳاپا[3] هن لوڪ[4] جا، لا[5] ڪري سڀ لاهه

۴. موٽي وڃ تون ميرل ميخاني، رمز روحي[6] دل راهه

## ڪافي روپ مانجھ جوڳ

اوڏهن هلڻا چلڻا ٿيا، هتون ته لڏڻا چڏڻا ٿيا

هڪدم رهڻا هت ديس پرايا، هڪدم رهڻا هت جيڻ اجايا

۱. فاذڪروني[7] اذڪرڪم، ڳاهه اهين وڃ ڳلڻا ٿيا

سر ڏي پڇي آ رهڻ سجايا

۲. العشق[8] ناراً يحرق ماسوي الله، جوش اهين وچ جلڻا ٿيا

بار بره دا برسر آيا

۳. موتوا قبلل انت موتوا، پرت اهين وچ روح پلڻا ٿيا

ترڪ ڪرڻ آهن ڀيا سڀ رايا

۴. ماڳ ميخانه جي ميرل سائين، واڳان ورائي هڻ ولڻا ٿيا.

هادي[9] حق حق ايوين فرمايا

**

Gul Hayat Institute

---

۱. اُبرڻ، گهوڙي وانگر ڊوڙڻ ڦرڻ. ۲. وطن جي سڪ ايمان آهي. ۳. رشتا. ۴. هي دنيا. ۵. ناهه ۶. دل کي روحانيت جي راهه وٺاءِ. ۷. توهان مونکي ياد ڪيو ته مان توهان کي ياد ڪريان. ۸. عشق جي باهه سواءِ الله جي سڀ کي ساڙي ٿي. ۹. هدايت ڪرڻ وارو.

## ڪافي روپ مانجهہ جوڳ

ڏيئي پنيور کي باهيون، ڪامل ٿي ڪيچ ڪاهيون

۱. حب الوطن[1] من الايمان، سڪ سڳو مٿي ساهيون
۲. موتوا قبل لان تموتوا، رمز اها دل راهيون
۳. انا الحق جو ماري نعرو، سوري سر سلهايون
۴. مام پروڙي ميرل سائين، لاڳاپا سڀ لاهيون

## ڪافي

ويل اها ٿي واهہ واهہ، نعرو ماريو نينهن جو.

۱. پنهنجي ديس بقاو تي، ڪامل ڪيو اوهان ڪاهہ[2] ڪاهہ
۲. ڪونہ رهندو ڪو اتي، اوهين سڪ جي ڪيو ساهہ ساهہ
۳. وجو اڏامي عرش تي، چڙهيو هت هنجڻ[3] جا ناهہ ناهہ
۴. بنا احد الله جي، بي ڪانہ اتو ڪا راهہ راهہ
۵. ترڪ وجود ولايت واصل، اها ائين اتو آڳاهہ[4] آڳاهہ
۶. سر ڏئي ٿيو اوهان سرما، ميرل ميخانہ جي شاهہ شاهہ

---

۱. وطن جي حب ايمان آهي. ۲. وقت، گهڙي. ۳. عشق جو. ۴. هميشہ وارو ملڪ.
۵. هلڻ. ٦. خودي، وڏائي. ۷. سواءِ هڪ الله. ۸. فقيري درجو حاصل ڪرڻ.
۹. ڏس. ۱۰. خوش.

Gul Hayat Institute

# ڪافيون روپ پيلو

وڃ پڪي وري واهيري[1] تي، متي عرش آڏام
پاڻ ڪري قتلعام

١. ترڪ وجود ڪي وو ماهي محرم وي ميان، آهين تون تہ امام
٢. ڪن[2] فيڪون ڪون وو ڪڻ تون منزل ڪي وو، تنهنجو آهي عشق[3] علام
٣. بحر بقا آهي وو تنهنجو لم[4] يزلي وو، قديمي تہ مقام
٤. وحده واحد[6] وو لاشريڪ لہ وو، اهو ولڄ اسلام
٥. لوح قلم ڪي وو طئي[7] ڪر طالب وو اهو اٿي تہ انجام[8]
٦. محويت جو وو ميرل سائين وو، بيخود ٿي پيءُ جام

# ڪافي روپ پيلو

ڪوئي ڪون رهيو، پرو تڏهن پرينءُ جو پيو

١. برخيز از[1] ميانون، متي خيال ويو
٢. انا الحق جو وو مار تون نعرو، ائين يار چيو
٣. بيرنگ بحر وو عميق سان، رهبر روح ٿيو
٤. وڃ ميخاني ميرل سائين، دائم خيال جيو

**

---

١. اڪبرو. ٢. ٿيءُ ته ٿي پئي. ٣. وڏو چتو. ٤. لازوال. ٥. جاه. ٦. الله هڪ آهي جنهن جو ڪوبہ شريڪ ناهي. ٧. حاصل. ٨. مقصد. ٩. پار پئو.
١٠. جسم مان نڪري وڃ.

## ڪافي روپ ڪسوري

لڪين لنيا تو دلبر سائين، هاڻي مونکي پيو ڳهايءِ[1]
ڪوڙين ڪنا تو ڪريم سائين

١. ڏئي سبق انا الحق جو، سوريءَ سر چاڙهايءِ
٢. اڳڻ مون مسڪين جي، پيرا اچي پايءِ[2]
٣. مڪان ڪون نازل ٿي ڪري، عشق اهو آيءِ
٤. اهو ميخانو ميرل تي نيهن سندر نايءِ[3]

## ڪافي روپ ڪسوري

لڳو لا غرض[4] سان لاشڪ[5]، نمائيءَ جو وهنيل[6] ناتو[7]

١. سوين ڀڳڻ[8] اڳيون پانها، انهيءَ دستور[9] ديوانا[10]
وسائي ويا يار آستانا، لڪي جن لوڪ کان لاتو
٢. ڳوليان ڦولهيان جانب جوئي، اڳڻ آيو سڄڻ سوئي
وهان رانجهن اڳيون روئي، ڳچيءَ ڳل پاند[11] مون پاتو
٣. چوي شاهه فيض عاشق آهيون نيزي پاسي سر نوائي ڏيون
سچيءَ محبت ۾ آهيون، جڏهن سردار سڃاتو

Gul Hayat Institute

١. زخمي ڪيئي. ٢. رڪيئي. ٣. هاريئي. ۴. بي پرواهه. ۵. بيشڪ. ٦. رشتي ۾ آندل لاڳاپو. ٧. رشتو. ٨. گهڻن صفتن وارو. ٩. قانون. ١٠. پاڳل - مستانو. ١١. جهولي

# ڪافيون روپ ڪونسيو

يار زورآور[1] ظلم ڪرين ٿو، هنيون ڪان[2] وجهين ٿو ڪيري وو

١. نين سڄڻ تنهنجا آهو[3] اربيلا، سي تہ ڏسين نہ فقير ڏي ڦيري وو

٢. يار چلائي وئين چوٽ جون چشمان[4]، سو تہ دلبر آءُ منهنجي ديري وو

٣. جوش جلايـــــــم جنـــــدڙي، چر چراٽي[5] چيـــري

۴. ميرل ڪي پرين مست جو ڪيڙئي، سو تہ يار سڄڻ پيءُ پيري

# ڪافي روپ ڪونسيو

هاٽي هن پنيور[6] مون، منهنجو ٽيڙو هالاڻو[7]

١. پشي[8] حال نڌر[9] جو، ريءُ ريڌو راڻو

٢. ڪيچيءُ ڏنم قرب جو، اهو اوراڻو[10]

٣. اچي عشق اليل ڪيو، سوز ساماڻو[11]

۴. بيشڪ بحر بقاو تي، اٿم لاڏاڻو[12]

۵. ميرل ميخانہ پانهنجي، عاشق وڪاڻو

Gul Hayat Institute

١. طاقتور - ڏاڍو. ٢. اکيون. ٣. هرڻي جي اکين جهڙا. ۴. اکيون. ۵. تير باهہ.
٦. هي دنيا. ٧. هلڻ- وڃڻ. ٨. ڏسي - جاچي. ٩. نڌڻڪي. ١٠. لولي. ١١. پيدا ٿيو.
١٢. لڏي وڃڻ.

## ڪافي ٻوپ ڪونسيو

يار ڪيچ ويو مونکي ھلڻ پيو
ھتؤن ڇڏڻ پيو ھاڙھي ھلڻ پيو

۱. ڪيچيءَ سندي قرب تي، وري ولڻ[1] پيو
۲. پير پنيءَ پنهل جي، روح رلڻ[2] پيو
۳. ٻاري[3] ٻارڻ عشق جو، جيئري جلڻ پيو
۴. مونـي ميخاني ۾، ميرل ملڻ پيو

## ڪافي روپ ڪونسيو

قسم آهي الله جو آهي يڪي[4] ڪين[5]
اول آخر ڪين ظاهر باطن ڪين

۱. ڪاٿي مشرب[6] مذهب ڪنهنجا، ڪاٿي آهن دين
۲. فنا دُر[7] فاني آهي، ڪاٿي حبش چين
۳. بنا قلزم[8] ڪين جي، ٻولي ٻولج ٻِي[9] نہ
۴. ميرل ڪي هن ماڳ جي، سچي هاديءَ ڪئي تلقين[10]

۱. موڪڻ. ۲. ملاڻو. ۳. عشق جو آڙاهہ. ۴. سانده. ۵. وحدت جو اڻکٽ سمنڊ. ۶. طريقا. ۷. فاني تي فاني. ۸. وحدت جو سمنڊ. ۹. ٻي ڪا بہ نہ. ۱۰. نصيحت

# ڪافيون پارسي روپ بنس

منم مستم ڪه در بيخود جمال الله بودستم
مان مست آهيان جو بيخوديءَ[1] جي جهان ۾، الله جي سونهن[2] آهيان

۱. منم مرغم بحر ازلي، ڪمال الله بودستم
مان پکي آهيان هميشه واري سمنڊ جو، الله جو ڪمال آهيان

۲. منم منور انور مطهر، خيال الله بودستم
مان پاڻ روشن نور هيم، الله جو ارادو آهيان

۳. منم در وادئي ايمن، خصال الله بودستم
بي خوف واري وادي[3] ۾ آهيان، الله جا ڳڻ آهيان

۴. منم منصور نعره حق، جلال الله بودستم
مان منصور آهيان حق جو نعرو هڻندڙ، الله جي عظمت[4] آهيان

۵. منم محرم بميخانه، وصال الله بودستم
مان شراب خاني جو رازدان هيم، الله تعاليٰ سان ملندڙ آهيان

۶. منم بيرنگ بحر باقي، مثال الله بودستم
مان بي رونق سمنڊ باقي هيم، الله وانگر آهيان

۷. منم ميرل ڪه در مولي، مقال الله بودستم
مان ميرل آهيان جو سرداري[5] ۾، الله جو قول آهيان

---

۱. پاڻ نه هجڻ. ۲. حسن. ۳. خاص جاءِ. ۴. شان. ۵. اڳواڻيءَ ۾

# كافي روپ بنس

منم رندم ڪہ در راهي، شاه شهنشاه بودستم
مان آزاد بي قيد حقؒ[1] جي رستي ۾، بادشاهن جو بادشاه آهيان

۱. منم دل جان دل داور، دائم درگاه بودستم
مان انصاف واري دل رکندڙ آهيان، جو هميشہ درٻار ۾ آهيان

۲. منم پريم پيمانہ، ڪہ وجہ الله بودستم
مان عشق جو پيالو آهيان، جو الله جو منهن آهيان

۳. منم هادي هدايت حق، ڪہ روشن راه بودستم
مان حق جي هدايت ڪندڙ آهيان، جو مان روشن رستو آهيان

۴. منم معشوق لم يزلي، ڪہ سر الله بودستم
مان لازوال معشوق آهيان، جو الله جو راز آهيان

۵. منم ميرل مدامي حق، ڪہ بي پرواه بودستم
مان ميرل هميشہ حق جو طالب[2]، جو آزاد خيال آهيان

* * *

١. الله سائين. ٢. طلب رکندڙ - سيڪڙو.

# ڪافيون روپ ڀهاڙي

لاڳ[1] اڇي عشق لائي، ويو خطرا ڪلئي ڪائي

١. اڳ قاب قوسين[2] ڪون، چشم سڄڻ چمڪائي

٢. قل هو الله احد الله،[3] ڏنئن پنهنجي پاڻ واڌائي[4]

٣. علم[5] لدني عشق پڙهايو، تي آء سالم سڄ صفائي

٤. **ميرل** بنا مولي پاڪ جي، وسري وئي سڀ وائي

## ڪافي روپ ڀهاڙي

نيهن نسياني[6] اچي پيدا ڪئي، تي آء ڪل فراموشي[7]

١. وطن واهيرو ياد هو مونکي، پرت وڃائي منهنجي پرده[8] پوشي

٢. درد ديوانو ڪيو آهي مونکي، تي آء حاصل بيهوشي[9]

٣. منطق الطير[10] گفتر،[11] شد گوش باگوشي[12]

٤. **ميرل** جي ميخاني تي، تي آء جام نوشانوشي[13]

---

١. لوري - محبت. ٢. معراج واري حالت. ٣. چئه الله هڪ آهي. ۴. خوشخبري. ٥. ا[illegible]
علم جيڪو سکڻ کانسواء ملي الله طرفان يا الهام ذريعي حاصل ٿئي. ٦. هڪ مر[illegible]
جو نالو ويسارو. ٧. ويسارو. ٨. لڪ- ڍڪ. ٩. بنا هوش حواس جي. ١٠. هڪ ڪتا[illegible]
جو نالو جيڪو مشهور صوفي شيخ عطار رح جو لکيل نصيحت ڀريو. ١١. چوان ل[illegible]
١٢. ڪن سان. ١٣. پيمان - وارو واري.

## ڪافي روپ ڪاريهر

بحر[1] بقا ڏي هلي آه، دل منهنجي دوست سان رلي[2] آه

۱. طلب[3] تشنگي آهي اسانکي، اها اوسان[4] مونکي اصلي آه

۲. بنان مولي پاڪ جي، ساري پنيور ڪان پلي آه

۳. هادي هدايت حق ڪري، اها ڳالهه مونکي سلي آه

۴. **ميرل** اها مام پڙوڙي، ميخاني ۾ ملي آه

## ڪافي روپ ڪاريهر

اسين آهيون شاهنشاهه[7]، ماڳ ماڻيون[8] تا ملڪ بقا جو

۱. ذات حق جي تا اصل سڃاڻون، اسين آهيون سر الله

۲. بيرنگ آهي بقاءِ اسانجو، اسين آهيون در رسول الله

۳. عرش آڏامي تا سر سڃاڻون، اسين آهيون بي پرواه

۴. نانوءِ سڏايم مهدي[9] **ميرل**، اسين آهيون خود ويساه

Gul Hayat Institute

---

۱. هميشگي واري سمنڊ ڏي. ۲. ملي آ. ۳. سڪ پياس. ۴. اُڄ. ۵. سنڪي. ۶. جاٺي
۷. بادشاهن جا بادشاهه. ۸. حاصل ڪريون ٿا. ۹. جنهن کان هدايت ملي.

# ڪافي روپ ڪاريھر

نا مئن هندو نا مسلمان، لوڪ[1] دا ڪيتر ڪيها نقصان

1. نا مئن بدري نا مئن بخاري، عشق اسان ڏا امام
2. نا مئن شيعا نا مئن سني، قول[2] اسان ڏا قرآن
3. نا مئن اسمي نا مئن جسمي، لا[3] اساڏا مڪان
4. **ميرل** ميران ڏي سديران[4]، آپ[5] ڪڙا انسان

# ڪافيون روپ ڪليان

اصل[6] تنهنجو آه اهو اشيان[7]، جاتي زمين نڪو آسمان
لا مظهر[8] آه تنهنجي مستي، نورون نور نشان

1. اڳي تہ ڪن فيڪون ڪون هل، جو تنهنجو آءَ مڪان
جز[9] هستيءَ جي اها جاءِ آهي، لاهوت لا مڪان
2. هي وجود ڪونهي ڪو اتهين، بحر آه بي[10] ڪران
خود را شناس[11] تہ تون خود آهين، برخيز[12] از ميان
3. پنهنجو بره بقا پس لم[13] يزلي، مدامي ميخان
سر[14] انداز ڪر تنهن ۾ عاشق، پڇي ٿي پروان
4. موٽي وڃ تون ماڳ تي **ميرل**، پاڻ ڪري قربان
موتوا قبلل ان تموتوا، ڀڏي فرمودو[15] فرقان

Gul Hayat Institute

---

١. ماڻهن جو- دنيا جو. ٢. چوڻ. ٣. ناهه. ۴. هوشياري. ۵. پاڻ الله. ٦. حقيقت
٧. آستان. ٨. پيو ڪوبہ ظاهر ناهي سواءِ الله جي. ٩. هجڻ جو نشان. ١٠. اڻکٽ.
١١. پاڻ کي سڃاڻ. ١٢. جسم مان نڪر. ١٣. لازوال. ١۴. سر اڇل.
١۵. قرآن جو حڪم.

# غزل روپ ڪليان

الامن بيخود ام خود نمي ماندم
خبردار مان بيخود آهيان، جو پاڻ ناهيان

۱. نعره نوبت عشق اناالحق مي زنم
مان الله انا الحق جي طريقي جو نعرو هڻان ٿو
شاد دل تخلص بالاي دار مي خندم
مان خوش دل آهيان، سولي تي خوش

۲. الي ربڪ ارجعي شب روز مي ربودم
مان رات ڏينهن پنهنجي رب ڏانهن هلان ٿو
هستم ذات قدسي قائم از ميان برخيز شده ام
مان هميشه پاڪ ذات آهيان وجودئون نڪرندڙ آهيان

۳. سبحاني ما اعظم شاني اين آيت رامي خوانده ام
مان پاڪ ذات آهيان منهنجو شان ڪيڏو نه آهي روز ان آيت کي پڙهان ٿو
بل لم يبقي الاالله واحد احد مدام مانده ام
هميشه الله هڪ آهي ۽ مان هميشه آهيان

۴. مست ميخانه مدام ميرل منم
هميشه واري مئخاني جو ميرل مست آهيان
هستم مرغ لامڪاني سوئي آشيان خود رسيده ام
مان بي آشياني جو پکي آهيان، پنهنجي آشياني ڏي پاڻ پهچان ٿو

Gul Hayat Institute

# غزل روپ ڪليان

نہ من دور هويا نہ يارمرا دور يار مرا ماست

مان پري ناهيان، نہ منهنجو دوست پري آهي منهنجو دوست مان پاڻ آهيان

١. در درياء فراق غمزه بخورم، پيوستہ حال است من مهجور

جدائي جي درياه ۾ پيڙجان ٿو، لڳوتار منهنجو حال جدائي وارو آهي

٢. اشتياق مرا ماست

منهنجو شوق مان آهيان

٣. نعرهء نوبت عشق اناالحق زنم، آه التجا في دارالغرور

مان انا الحق جي طريقي وارو نعرو هڻان ٿو، افسوس غرور جي دنيا ۾ آهي

٤. اصل مرا ماست

منهنجو اصل مان پاڻ آهيان

٥. قالا رب ارني آه مي گويم، حڪايت است همين طور

چيائين اي رب مون کي پنهنجو ديدار ڪراءِ، اها ڳالهہ آهي ان طريقي تي

٦. سرمرا ما است

منهنجو راز مان آهيان

٧. مست ميخانہ مدام ميرل منم، عشق نؤرون اعلي نور

مان هميشہ واري مئخانہ جو **ميرل** مست آهيان، عشق نورن نور آهيان

٨. خيال مرا ماست

منهنجو خيال مان آهيان

* *

Gul Hayat Institute

ٿيان دلبر تنهنجي در جو مون دايو، توريءَ جيئڻ منهنجو آهي اجايو
مران شل پيش تنهنجي يار جاني، هتون تنهنجي شهادت شادماني
مرن مشتاق[1] جو قدمن تي آهي، اصلوڪان[2] ايهو چوڻ عاشقن جو آهي
جي اڳيون محبوب جي عاشق مري ٿو، سدائي بحر بقا ۾ تري ٿو
رهڻ هڪ پل جدائي ۾ آه مشڪل، وڇوڙي جو درد ڏاڍو آهي بالڪل
هتون تنهنجي جيڪر منهنجو قتل ٿئي، سدا توسان منهنجو همدم وصل ٿئي
مران ٿو هاڻي يار آءُ دلبر، سڪي ٿو ساهُ ڏيان تولاءِ سرور[3]
تو سان منهنجي ساه جو ساجن سهُو ٿيو، يقينو دل سندو منهنجو اهو ٿيو
ڇڏي ويساه ڪاڏي يار ويندس، مري آخر تنهنجي در تي مان ويندس
سڪايل ساه منهنجو آه سدائي، وٺي تي ڪانه توريءَ ۾ ڪا وائي
توکي ساريان پيو هر دم سنياريان، دما دم روز شب گوندر[5] گذاريان
آهيان سائل سهٽا تنهنجي مان در جو، آهيان دايو مان دلبر تنهنجي در جو
تون سائين منهنجو آءُ تنهنجو سپاهي، تون آهين نورسري سرالاهي
تون سائين منهنجو آءُ نوڪر نماڻو، وتان تولئه تنهنجي در تي وڪاڻو
پوندو ٻاجهه منهنجي دوست دلبر، ڪندين ڪو قرب پنهنجو مون سان رهبر
ڏيکاريندين بقا جو ماڳ مانکي، لائيندين ڪو لاحد جو لاڳ[6] مانکي
اڏاري عرش ڪون مانکي ڇڏيندين، رهبر تي راز ۾ مانکي رنگيندين
منجهيل جي ماڙ[7] ڪر تون يار منهنجا، رليل جي راه ڪر اغيار[8] منهنجا
درد جي دام ۾ ڦاسي پيو هان، بنان توريءَ يار ٿيو هان
فراقن جو قتيل کهايل آهيان، وڇوڙي جو وڍيل ماريل آهيان

---

۱. عاشق. ۲. اصل کان. ۳. اڳوان. ۴. ڳانڍاپو. ۵. ڏک غم. ٦. سڪ. ۷. واهر.
۸. غير جو جمع.

Gul Hayat Institute

او سائين خطرو نڪوئي بيو خام آهي، او سائين تنهنجو عشق امام آهي
او سائين محب مٺا بن جا مهڻا، دلبر رڪيل دوست قاتل قتل ڪُهڻا
او سائين منهنجا او سائين او سائين، او سائين منهنجا او سائين او سائين
او سائين منهنجا رخ[1] نمائي مونکي تون سائين، او سائين ديده[2] بکشائي تون سائين
او سائين ايتري نٿو دير سهان، او سائين ايتري نٿو وير[3] سهان
او سائين رحم ڪر ڪو مون سان سائين، او سائين ڪرم ڪر ڪو مون سان سائين
عاشق ويچارو مسڪين مسافر، ڪيو پنهنجو تنهن کي ڏٺي آدر[4]
او سائين منهنجا هن فيض جي ڪر ڪا، لڳ الله تنهنجي ور ڪرڪا
او سائين مونکي نڪر نڪر ڪري ڇڏ، او سائين مونکي ذرا ذرا ڪري ڇڏ
او سائين ڪهي ڇڏ مانڪي هلائي، او سائين رمز رهبر ڇڏ رلائي
ڪري ڪو قياس طالب کي اچي تار، ڪري در جو گلرڙو يار نئين ڏار
او سائين مونکي وساري ڇڏ نه سائين، پنهي ڏيهن کون ڇڏائي ڇڏ او سائين
او سائين پنهنجو خيال ڏي مونکي تون هردم، او سائين شوق بر ڪر شهيد هردم
او سائين عرض عاشق جو اگهائج، ۽ ايهو غرض عاشق جو پڄائج

* *

Gul Hayat Institute

١.منهن ظاهر ڪرِ. ٢. اکين جو ديدار ڪراءِ. ٣. وقت. ٤. ڪيڪ.

# جهولڻا

❄

ڪنهن سانگ سهائي[1] اپڻي دلبر ڪالهه نه آيون گهٽي
آڪير تو دل گهٽي
ڪنهن خواهش سودي سُودي آج نه آيون هٽي
آڪير تو دل هٽي
نال خويشاندي[2] خوشي ڪيتئي راند عجب تو ڪٽي
آڪير تو دل ڪٽي
عاشق گهايل قتيل اپڻي ڪون تئن نه پڏي ڪا پٽي
آڪير تو دل پٽي
راضي ڪرڪي پيئين اپنا ڪرَم[3] قبيلا عاشق ڪيتئي ڦٽي
آڪير تو دل ڦٽي
مرض محبت دي ماريا مئن ڪون تئن رين[4] هجر نا ڪٽي
آڪير تو دل ڪٽي
قربان ٿيوان وسار پيئين تون محبت ميل ڏنهن مٽي
آڪير تو دل مَٽي

١. آسرو، وَسَنوَ ڏي وڃڻ. ٢. مٽ مائٽ. ٣. ويجها مائٽ. ۴. جدائيءَ واري رات.
٥. ڦيرائي.

❋

سوز فراق تنهنجي هيءَ دل ساڙي سا بات بڌايان ڪيهي
چيم ته ڳالهه چوان توکي ڪيهي
هجر فراق منهنجي جون آهون سڻ سهڻل تون ويهي
چيم ته ڳالهه چوان توکي ڪيهي
ڪئن ڪيان مون ڏس ڏي سائين جو راز تنهنجي هي دل ريهي[1]
چيم ته ڳالهه چوان توکي ڪيهي
مونکي ماري دلبر يار وساري تون ڏيه ٺڪين وڃي ڏيهي[2]
چيم ته ڳالهه چوان توکي ڪيهي
اهڙو اعتبار نه هو منهنجو تو ٻر تنهنجي ماڻتن ڪئن دل ريهي
چيم ته ڳالهه چوان توکي ڪيهي
هئي هئي اندوه[3] درد تنهنجي جي ٻر دلبر ٿي دکي منهنجي ديهي
چيم ته ڳالهه چوان توکي ڪيهي
قولهه نه عيب عاصيءَ جا هرگز سائين آءُ پرين پُکي منهنجي پيهي[4]
چيم ته ڳالهه چوان توکي ڪيهي
سا ٻڌايان ڪنهن کي سهڻا سائين تو جانب ڪئي آه جيهي
چيم ته ڳالهه چوان توکي ڪيهي
اڳي جيئن هئين تون مون سان دلبر وري هاڻي رمز رکه تون تيهي
چيم ته ڳالهه چوان توکي ڪيهي
ميرل هيءَ مسڪين مسافر ٻرتو ٿي سائين توکي سڄڻ پرين پرڏيهي
چيم ته ڳالهه چوان توکي ڪيهي

---

[1]. ريجهو ... [illegible] ... ي ديس. ۳. تمام گهڻو درد. ۴. اچڻ. ۵. جهڙي.
[1]. مو... [illegible]

❋

رمز لائي روليئي رُنج ۾ ڪيئي ڪان وفائي
چيم تہ عمر وڃايم اجائي
درد فراق تنهنجي اهين ڪيو جئن ڪجي خولبهائي[1]
چيم تہ عمر وڃايم اجائي
وڏي اميد آسرو هو تو ۾ پر پلئَ[2] نہ ٻڌم پائي
چيم تہ عمر وڃايم اجائي
خيال پلڻ ۽ وساري وهڻ جي توکي تہ مَت[3] آئي ڪائي
چيم تہ عمر وڃايم اجائي
هوت هئين تون همدم مونسان هاڻي ڪيئي ڪيئن جدائي
چيم تہ عمر وڃايم اجائي
ڪيم گدائي سهڻا تو ليءِ توکي ترس نہ آئي ڪائي
چيم تہ عمر وڃايم اجائي
توکي اهڙي هئي ڪا من ۾ تہ تو اڳي چون ٻڌائي
چيم تہ عمر وڃايم اجائي
شڪر تيو پنهنجا مٽ مائٽ سڃاڻي ڪيئي عاشق سان ادائي[4]
چيم تہ عمر وڃايم اجائي
پنهنجا لڳئي مٺا گهڻو پيارا ڪيئي عاشق سان تلخائي[5]
چيم تہ عمر وڃايم اجائي
الين ڪئن روليئي هن روهن ۾ توکي اها سرت[6] ڪنهين سمجهائي
چيم تہ عمر وڃايم اجائي
بيرل هن مسڪين يتيم عاشق سان تو ڪئي ڪين فدائي[7]
چيم تہ عمر وڃايم اجائي

---

۱. خون جهو... جهوليءَ ۾. ۳. صلاح. ۴. پيائي. ۵. تکائي، ڪاوڙ.
٦. مرشد...

❋

دلبر منهنجا يار پيارل سائين مون سان ڪئي تو ڪيئن ڀڳي[1]
چير تہ دل منهنجي ڪيئن ڀڳي
ڳالهہ ڳڻن[2] جي دلبر سائين منهنجا ڪانہ توکي ڪا لڳي
چير تہ دل منهنجي ڪيئن ڀڳي
هئي هئي يار وساري ڪئن ويئين دلبر پائي سهڪ[3] جي سڳي
چير تہ دل منهنجي ڪيئن ڀڳي
مونکي تنهنجي جيءُ جيارا جانب تار[4] طلب جي تڳي
چير تہ دل منهنجي ڪيئن ڀڳي
هئي هئي سوز فراق تنهنجي جي سهڻا ڪا تار اندر ۾ وڳي
چير تہ دل منهنجي ڪيئن ڀڳي
ڪاٿون سڪئين تون سهڻا سائين دل لٽڻ[5] جي ٺڳي
چير تہ دل منهنجي ڪيئن ڀڳي
روح ريجهائي خوش ٿئين مائٽين توکي ڪنهين ڏسي اها ٺڳي
چير تہ دل منهنجي ڪيئن ڀڳي
ائين لائق نہ هو توکي يار پيارا خوش ٿي هڻين ڪڳي[6]
چير تہ دل منهنجي ڪيئن ڀڳي
ميرل هن مسڪين مسافر جي درد تنهنجي دل ڏڳي[7]
چير تہ دل منهنجي ڪيئن ڀڳي

---

١. جدائي. ٢. ڳڻي. ٣. قربن. ٤. يارانو. ٥. يادگيري. ٦. ڪلڻ. ٧. ڦٽي.

Gul Hayat Institute

❋

هئي هئي دلبر منهنجا دوست پيارا وڏءِ ڳل ڳچيءِ ۾ ڳارو
چيم ته ڪئن ڪيءِ يار وسارو
هي اڏي ويني ڪئن اندر ۾ عاشق جي اوتارو
چيم ته ڪئن ڪيءِ يار وسارو
هي ظاهر باطن آهي سهڻا نيهن تنهنجي جو نعرو
چيم ته ڪئن ڪيءِ يار وسارو
هي ياٰڪي[1] باقي يار وڃي تئين دلبر دوست نيارو
چيم ته ڪئن ڪيءِ يار وسارو
هئي هئي وڇوڙو جي جالڻ[2] جو مونکي ڏنيءِ ڪونه اشارو
چيم ته ڪئن ڪيءِ يار وسارو
هئي هئي جدائي ءِ وره تنهنجي جو بار آهي بارو[3]
چيم ته ڪئن ڪيءِ يار وسارو
ڪئن بحر[4] فراق ۾ سٽيءِ[5] دلبر مان طالب هوس نه تارو[6]
چيم ته ڪئن ڪيءِ يار وسارو
ڪيم حيلا هزارين توکي دل... ائي پائي پاند ڳچيءِ ڳل ڳارو
چيم ته ڪئن ڪيءِ يار وسارو
سواءِ تنهنجي ...بر سائين منهنجا ٻيو ڪونه آهي مونکي چارو
چيم ته ڪئن ڪيءِ يار وسارو

١. ٻيڪي ... ٢. گا... ٣. ڳورو- وزندار. ۴. جدائي جو سمنڊ. ٥. اجهلائيندي.
٦. ...

او سائين لڳو هوس مان لڙهه لاثاني تنهنجي پيو جنهن لوڪ جو لارو
ڇهر تہ ڪئن ڪيءِ يار وسارو
جالب تنهنجي يار جدائيءَ ڪون ويو وجود سڙي سڄو سارو
ڇهر تہ ڪئن ڪيءِ يار وسارو
جدا جالڻ ڪون جالب سائين مولڪي مرڻ آهه موچارو
ڇهر تہ ڪئن ڪيءِ يار وسارو
توريءَ هرگز نتو لڳي سائين منهنجا ڪو هت منهنجو شب گذارو
ڇهر تہ ڪئن ڪيءِ يار وسارو
شڪر ٿيو جو تنهنجي پاڳي بخت جو ڪو ڏريو دلبر ڏارو
ڇهر تہ ڪئن ڪيءِ يار وسارو
پسي مي سور سڄڻ امي تنهنجا مي عاشق ٿيو ويچارو
ڇهر تہ ڪئن ڪيءِ يار وسارو
ڪيئن خوش ٿي ورين گهرين وينين مون ڏنهن ڪري وسارو
ڇهر تہ ڪئن ڪيءِ يار وسارو
شاهس لڳيءَ پنهنجا مالڪ منا منهنجو ڪيئي ڪولہ سنڀارو
ڇهر تہ ڪئن ڪيءِ يار وسارو
همدم هئين تون هردم مون سان هالي ڪئن ڪيئي ڪنارو
ڇهر تہ ڪئن ڪيءِ يار وسارو
ميرل من مسڪين مسافر [illegible] والي ورالهندو وارو
ڇهر تہ ڪئن ڪيءِ يار وسارو

---

۱. لاڙهو، پرواهه. ۲. دنيا جو سهارو. ۳. سٺو. ۴. رات گذارڻ. ۵. حصي دار [illegible]
۷. پنهنجي گهر. ۸. يادگيرو. ۹. جدائي.

❋

خويشؤن پنهنجي ناتو لاتيءِ نيهن نہ نباهيءِ توکي ڳالهہ اها ڪنهن سلي[1]
چيم تہ دل تو سڄڻ ڪيئن پلي[2]
عاشق جو هي حال پسي سڀ هيٺو ويتر تون هوت نہ آئين هلي
چيم تہ دل تو سڄڻ ڪيئن پلي
انهيءَ جدائيءَ ڪون هڻي هڻي جانب جيءُ جوشن ۾ ويو جلي[3]
چيم تہ دل تو سڄڻ ڪيئن پلي
هاڻي خويش اقرب[4] ڪئي ڪل پنهنجا اها جاگير عجب توکي ملي
چيم تہ دل تو سڄڻ ڪيئن پلي
انهيءَ بيوفائي ڪرڻ نہ رهائڻ جي اڳي ڳالهہ چئي چونہ ڳلي
چيم تہ دل تو سڄڻ ڪيئن پلي
شابس پنهنجا ساريءَ چڱو دوست وساريءَ هاڻي ڏيهہ[5] ڪيءِ پنهنجي[6] نلي
چيم تہ دل تو سڄڻ ڪيئن پلي
ائين چاتيءِ پيچ نہ پاتيءِ ڇاڪون دلبر تو رمز مونسان نا رلي
چيم تہ دل تو سڄڻ ڪيئن پلي
سبب اهو ڪيهو چئين تون سائين دلبر ڇاکؤن ڇڏي تو ڳلي
چيم تہ دل تو سڄڻ ڪيئن پلي
اڄڻ وڃڻ رهڻ عجيب اڱڻ منهنجي جي ڪيئن بند واٽ ڪري تو جهلي
چيم تہ دل تو سڄڻ ڪيئن پلي
ميرل هن مسڪين مسافر غريب جي شـ..ڪا پلو[7] ڪندو پلي
چيم تہ دل تو سڄڻ ڪيئن پلي

---

١. ٻڌائي. ٢. مٽائي. ٣. سڙي. ۴. ويجها مائٽ. ۵. علائقو. ٦. ڏاتي. ..٧. خدا.
وا..

# جهولڻا

هن نماڻي عيبن هاڻيءَ کي لالن[1] ڪيئن لوڏاريءِ[2]
چيمر تہ هٿي هٿي ڪيئن يار وساريءِ

محبت پنهنجي سان سپرين ساه منهنجو نا ٺاريٺي
چيمر تہ هٿي هٿي ڪيئن يار وساريءِ

عاشق عاجز هن غريب کي مهجوريءَ[3] ۾ ڪيئن ماريءِ
چيمر تہ هٿي هٿي ڪيئن يار وساريءِ

ٻيلي ٻانهو پنهنجي در جو دلبر سائين ڪٿو ڪري نا ڌاريءِ
چيمر تہ هٿي هٿي ڪيئن يار وساريءِ

خوش ٿي ويٺين ياڪي ساجن سانول ڪين سنياريءِ
چيمر تہ هٿي هٿي ڪيئن يار وساريءِ

ڏٺي اندوه ويڙهي غمن ۾ وٺين منهنجو اندر ڪين اوجاريءِ
چيمر تہ هٿي هٿي ڪيئن يار وساريءِ

افسوس آهي اندر ۾ بلڪل ڏاڍو نہ ڳڏجي مونسان ڳهاريءِ
چيمر تہ هٿي هٿي ڪيئن يار وساريءِ

ڪيءَ ڪلور ڪيس[4] ڪيڏو جو طالب کي نہ تاريءِ
چيمر تہ هٿي هٿي ڪيئن يار وساريءِ

هٿي هٿي حاذق[5] هوت حبيب پيارا جو خيال موڏنهن ڪٿن واريءِ
چيمر [illegible] هٿي ڪيئن يار وساريءِ

خويش اقرب پنهنجا ڪري ويٺين اٿين سهـ[illegible]ل ڪنهن سيڪاريٺي
چيمر تہ هٿي هٿي [illegible]يئن يار وساريءِ

---

١. محبوب. ٢. ترايني. ٣. وڇوڙي ۾. ۴. ڏاڍائي. ظلم.
۵. اهو حڪيم جيڪو شفا ڪري.

مالي خوش ٿئين جو مائٽ لڳئي مٺا پر ڇڏ اهو دلڙي ڪنهن ڏيکارئي
چيم تہ هئي هئي ڪيئن يار وساريءِ
ڪن ڪوئي ياد پيو هو توڪي جو نظر ڪري نہ نهاريءِ
چيم تہ هئي هئي ڪيئن يار وساريءِ
وات وحدت جي ورتيءِ نہ ڪائي ڪٿي پيالو پرم جو هاريءِ
چيم تہ هئي هئي ڪيئن يار وساريءِ
ڪاتُ جدائي جو دلبر سائين منهنجا ڪو عاشق تي اوياريءِ
چيم تہ هئي هئي ڪيئن يار وساريءِ
نسنگ نيزو نيهن نباهڻ جو ڪو عاشق تي اولاريءِ
چيم تہ هئي هئي ڪيئن يار وساريءِ
داغ اندر ۾ آهي دلبر سائين منهنجا جو اتي جوش ڪري، خيال ورهايءِ
چيم تہ هئي هئي ڪيئن يار وساريءِ
ماري مونکي او سائين منهنجا او جانب ڪين جياريءِ
چيم تہ هئي هئي ڪيئن يار وساريءِ
لائق توکي ائين نہ هو مٺا سائين جو هت ڳارائي ۾ ڳاريءِ
چيم تہ هئي هئي ڪيئن يار وساريءِ
هيءَ شهادت شوق پنهنجي جو پر پيالو ڪين پياريءِ
چيم تہ هئي هئي ڪيئن يار وساريءِ
ميرل هن مسڪين ... ڪي عرشن تي تہ اُڏاريءِ
چيم تہ هئي هئي ڪيئن يار وساريءِ

* *

١. رسـ... ٢. هيڪڙائي. ٣. بي ديهي ظاهر ظهور. ۴. خدا جي راهہ ۾ مرڻ.

# جهولڻا

نيهن نهوڙيو[1] نازڪ تنهنجي دل ڏکڻ آه ڏنگي
چير تہ سور سڄڻ جا ٿيا سنگي[2]
داغ جدائيءَ جي دردئون دلبر منهنجا هيءَ تمام ڪيءَ آه تنگي
چير تہ ڏک دل ڪيئن تنهنجي ڏنگي
ڪان هٽي وئين قهري قاتل منهنجا تون ڪو جوان آهين ڏاڍو جنگي[3]
چير تہ تو دل سڄڻ ڪيئن ونگي
وره ويڇوڙي ڪيون هي ڪاريون سور ٿيا تنهنجا سنگي
چير تہ ڏک تنهنجي دل ڏنگي
ٿي شاهنشاه هلان ڪيءَ ڪيڏي ڪامل پائي ڪلنگي
چير تہ تون جوان آهين ڪو جنگي
وجهي پيچ پريت جا بلڪل قابو پختا تو دل سڄڻ ڪئن ونگي
چير تہ ٻاڻ تنهنجي دل ٻنگي
ماري مشتاق[5] چڙائي رولي تون ڪو رانول[6] آهين رنگي[7]
چير تہ ساجن تي نہ تون سنگي
سائين ڪئن ڪيان وڃان هائي ڪاڏي جو ٻاڻ[8] تنهنجي آهي دل ٻنگي[9]
چير تہ مان محبت تنهنجي منگي

---

١. عشق ماريو. ٢. سنگتي. ٣. جنگ ڪرڻ وارو. ۴. قاسائي، هڏي. ٥. عاشق
٦. سهڻل. ٧. رنگن وارو. ٨. تير. ٩. نشان ڪني.

دان ڏياريو دلبر سائين جو مان لالن آهيان تنهنجي لنگهي[1]
چير تہ دل عشق ۾ تنهنجي انگي

راليان ڏينهان جيءَ الدر ۾ جالب تنهنجي ڏاڍي طلب آهي تشنگي[2]
چير تہ تون نرمل آهين ننگي

يار ڪنج دلبر دوست ڪهيل جو جو منهنجو لنگ توتي آه ننگي
چير تہ ڪو ماريو تير تفنگي

عشق تنهنجي ۾ يار پيارل سائين دل منهنجي آهي انگي[3]
چير تہ تون ظالم آهين زنگي

ملي هلي ماريس قلب منهنجي ۾ ڪو ڦهري تير تفنگي
چير تہ دلبر درد تنهنجي دل دنگي

ميءَ حال منهنجو لهو آه امڙو جنن يارن ڪي ٿلي ڪنگي
چير تہ دل چوٽ عشق جي چنگي

رلگي وڪوڙي قابو ڪيڙيه سائين منهنجا تون ظام آهين زنگي
چير تہ دل سُور تنهنجي آهي تنگي

ڪن ڪيان ڪنهن ڪي دالهن ڏيهان هي درد تنهنجي آه دنگي
چير تہ دل ڏکن آهي ڏنگي

بيرل هن مسڪين مسافر کي آهي محبت تنهنجي منگي
چير تہ دل محبت تنهنجي منگي

* *

١. مگنهاري. ٢. [illegible] پياس. ٣. قالي، الڪ. ٤. ريري. ٥. گهري.

Gul Hayat Institute

# جهولڻا

ڏکن موں‌کي ڏني آ ڏيکاري لهيا جوش جگر ۾ جاري

چيم تہ ڏاڍي پرت تنهنجي آ پياري

بات منهنجي ڪا نامي بيشڪ بلڪل جو آهي بار بره جو باري

چيم تہ ڏاڍي پرت تنهنجي آ پياري

هاڻي هيڏو تون ويهہ نہ وساري دلبر ڏار نہ ڪر تون ڏاري

چيم تہ ڏاڍي پرت تنهنجي آ پياري

اڄ جي هرگز عجب مون ڏنهن تون ڪا ڪهوٽ نہ وجهہ تون ڪهاري

چيم تہ ڏاڍي پرت تنهنجي آ پياري

بره بيمار ڪيو مون‌کي آ بيشڪ مسڪين ڪيان ٿو زاري

چيم تہ ڏاڍي پرت تنهنجي آ پياري

حال منهنجو ٿيو آ اهڙو جهڙن پوڪہ ڪي لڳي اڱاري

چيم تہ ڏاڍي پرت تنهنجي آ پياري

راتيون ڏينهان روح منهنجي ۾ آهي بيحد بلڪل بيقراري

چيم تہ ڏاڍي پرت تنهنجي آ پياري

هاڻي ڪيئن وساريهو ويهي تو هي جنڏي دل جياري

چيم تہ ڏاڍي پرت تنهنجي آ پياري

وني وحدت وره جي پنهنجي جي تو بارل هيڏو پياري

چيم تہ ڏاڍي پرت تنهنجي آ پياري

---

١. سامهون آيا. ٢. ڳالهہ - ڳجهہ ٣. ڳري ٤. تحقيق ۾. ٥. مٺي

Gul Hayat Institute

سڪ تنهنجيءَ سانول سهڻا وڌي هيءَ ڪا ڳل ڳچيءَ ۾ ڳاري
چير ته ڏاڍي پرت تنهنجي آه پياري
محبت جو مشتاق جي من ۾ ڪو مار وڌءِ هيءَ ماري[1]
چير ته ڏاڍي پرت تنهنجي آه پياري
ميڪر اڇي يار پيارا هاڻي تو سڙي دل نا ٺاري
چير ته ڏاڍي پرت تنهنجي آه پياري
ڪر گل گلعذار گلشن جان دلڪي باغ ڪري گلزاري
چير ته ڏاڍي پرت تنهنجي آه پياري
هئي هئي يار عجيب مان توتئون سر صدق[2] ڪيان سؤ واري
چير ته ڏاڍي پرت تنهنجي آه پياري
هئي هئي جانب جيءَ منهنجي ۾ ڪان هنيئي ڪو ڪاري
چير ته ڏاڍي پرت تنهنجي آه پياري
مردم مونکي آهي دلبر تنهنجي تڳا[3] دم دم دلبر تاري
چير ته ڏاڍي پرت تنهنجي آه پياري
سهڻا تنهنجي سڪ ۾ سانول عمر وڃايم سڄي ساري
چير ته ڏاڍي پرت تنهنجي آه پياري
ميرل هن مسڪين مسافر سان تون يار رکج ياري
چير ته ڏاڍي پرت تنهنجي آه پياري

---

١. شڪاري. ٢. گهوريان. ٣. آسرو.

# جهولٽا

سڌ سڌا لڌ، ڪولہ عاشق جو توکي مائٽ پنهنجا لڳا منا
ڇهر تہ امڙا سور لہ مان کي ڏنا
هت ڪري وينين سيئي پنهنجا ڪل نمبر کاتا چٽا
ڇهر تہ امڙا سور لہ مان کي ڏنا
ملهائي خويش اقرب پنهنجا شاباس چڱا ڪيئي چٽا
ڇهر تہ امڙا سور لہ مان کي ڏنا
اصل خيال ڪو جدائي جو هيو دلبر قربان تو امڙا ڏکہ پئي ڪيئن سنا
ڇهر تہ امڙا سور لہ مان کي ڏنا
نتي چاتـر تہ ڪو امڙو ويڻل تهندو جو محبت وارا ڪئن منا
ڇهر تہ امڙا سور لہ مان کي ڏنا
هئي هئي منهنجي سوز الدر جا پريا تلاو ترايون چٽا
ڇهر تہ امڙا سور لہ مان کي ڏنا
جي گهايل آهن گهور تنهنجي جا سي ڪوڪان ڪن ٿا ڪنا
ڇهر تہ امڙا سور لہ مان کي ڏنا
ڏک ڦٽ دلبر درد تنهنجي جا منهنجي لنگن تي هن لٿا
ڇهر تہ امڙا سور لہ مان کي ڏنا
مچ مجاز محبت جا الدر ۾ بره باريا ٻنا
ڇهر تہ امڙا سور لہ مان کي ڏنا
ميرل هن مسڪين يتيمن تي [illegible]هن محبت جا ڏنا
ڇهر تہ امڙا سور لہ مان کي ڏنا

---

١. سار سنڀال. ٢. ظاهر. ٣. ظلم. ۴. ڏُٻا. ۵. وَسيا.

Gul Hayat Institute

ژوهیڙا
مکتوبات
Gul Hayat Institute

او س
او سائيـ
ار ويجان جهه
کنهن وکتا

اني ٣. برباد.
اگهه

پر سدائي رک او سائين صدقو پنهنجو. او سائين آءٌ تنهنجو آهيان او سائين نوڪر لمالو او سائين خاڪسار عاجز غريب تراب[1] مسڪين يتيم او سائين تنهنجي فراق دربدر ڪيو آهي او سائين نہ تہ اهڙو نہ هيس پر شڪر الحمد الله آهي جو يار سچي جي حوالي ٿيو آهيان او سائين هن ميرل مسڪين جي تہ ڪڙڪا او سائين تنهنجو طالب آهي.

* *

---

١. مٽيءَ جهڙو - خاڪي - مَري مٽي ٿيل.

Gul Hayat Institute


انا الحق انت الحق هو الحق ثبت الحق

الله

رساله داتا شاه فیض دریاه

قطعهٔ تاریخ اختتام این کتاب مسمی رساله داتا شاه فیض دریاه از قلم محمد هدایت علی تخلص تارک سکنهٔ آنک لعلو فقیر تونیه تعلقه واره ضلع لاړکانه سنده

خوش کتابی مخزن توحید حق — بسکه این است از نکات دل

بهست از تصنیف حضرت شاه فیض — بود آن فیض محمد ذات دل

آن قلندر تارک هستی و محو — زد انا الحق نعره از آیات دل

این علامت هست از الهام آن — یا بگو هم پاره ز نعمات دل

بهر سال اختتام این کتاب — تو بگو تارک شرابات دل

۱۳۵۳ھ

تمام شد

1- پس منظر ۾ درگاهه جو لکي دروازو جيڪو صدين کان هڪ وقت کليل رهيو آهي.

2- علامه محمد هدايت علي نجفي تارڪ پاران سنه 1934ع ۾ لکيل "فيض درياهه جو ڪلام" قلمي نسخي جي پڇاڙيءَ ۾ آخري صفحي جو عڪس.